REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 05 اپريل 2024ع بمطابق 25 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 311

معيشت تي سياست نہ ٹيڻ گهرجي، معاشي استحڪام لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: عطاءَ الله تارڙ

اسان جي گذريل 16 مهينن جي حڪومت ۾ معيشت جي استحڪام جو بنياد رکيو ويو، ملڪ کي ڊيفالٽ کان بچايو ويو، وزيراعظم شهباز شريف جي ڪوششن سان آءِ ايم ايف سان ڳالهيون ٽيون

معيشت جي حوالي سان اسان کيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏنو، هاڻي معيشت ۾ بهتري اچي رهي آهي، جڏهن به معيشت ۾ استحڪام جون خبرون آيون، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ نمايان تيزي ڏني وئي

بلومبرگ پاڪستان ۾ مهانگائي جي شرح گهٽ ٽيڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي، پي آءِ اي جي نجڪاري جي حوالي سان ميڊيا عوام کي سمورين حقيقتن کان آگاهه ڪيو جنهن تي ان جا ثورائتا آهيون

پي آءِ اي جو سالياني خسارو 80 ارب روپيا آهي جيڪو قومي خزاني تي بار آهي، پي آءِ اي جي نجڪاري سان اسان کي روينيو پڻ حاصل ٿيندو ۽ ان جي خساري جو بار سرڪاري خزاني تان ختم ٿيندو

مثبت اڻگ اکر ۽ رجحانن کي اڳتي کڻي هلنداسين ته واڌويجهه جي شرح ۾ اضافو ٿيندو، وزيراعظم شهباز شريف جي ذاتي ڪوششن سان ايف بي آر جي ڊيجيٽلائيزيشن ٽي رهي آهي

ملڪ آهي ته سياست آهي، ملڪ آهي ته سياستدان آهن ان لاءِ اسان کي معيشت کي سياست جي ور نه چاڙهڻ گهرجي، معاشي استحڪام جي لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (ر ڊ) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءَ الله تارڙ چيو آهي ته معيشت تي سياست نہ ٽيڻ گهرجي، معاشي استحڪام لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، معاشي انگ اکر بهتري طرف گامزن آهن، معيشت بهتر ۽ مهانگائي گهٽ ٿي رهي آهي، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مثبت جو سلسلو اڃڪتي وڌي رهيو آهي، هووزيراعظم جي ماحولياتي تبديلي بابت ڪوآرڊينيٽر رومينہ خورشيد عالم سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو، اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم شهباز / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01



لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد ذوالفقار جي مزار تي دعا گهرندي

وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران
حافظ نعيم الرحمان کي جماعت اسلامي
جو امير چونڊجڻ تي مبارڪباد

اسلام آباد(ر ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف حافظ نعيم الرحمان کي جماعت اسلامي جو امير چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني آهي. وزيراعظر آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظر محمد شهباز شريف هافظ نعيم الرحمان جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. وزيراعظر شهباز شريف حافظ نعير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عدليه ۾ مداخلت: اسان پنهنجي ذميواري پوري ڪئي، هاڻ سپريم ڪورٽ فيصلو ڪندي: وزيراعظر

معاشي ترقي، غربت ۽ بيروزگاري ۾ گهٽتائي آڻڻ جي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪرڻو پوندو، آءِ ايم ايف سان هلندڙ مهينيٰ استينڈ بائي معاهدي جي 1.1 ارب ڊالر جي آخري قسط ملي ويندي

معاشي استحڪام جي لاءِ آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو پروگرام ضروري آهي، ايف بي آر جي ڊيجيٽائيزيشن جي لاءِ ڪنسلٽنٽس هلندڙ مهينيٰ مقرر ڪيا ويندا، پي آءِ اي جي نجڪاري شيڊيول موجب ٽيندي

اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته هاڻي وزارتن جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو ته جيئن جيڪي اُنهن کي مشڪلاتون درپيش آهن، اُنهن کي حل ڪري سگهجي ۽ معيشت پنهنجي پيرن تي بيهي

نائي وارو وزير پنهنجي ٽيم سان گڏ آمريڪا جو دورو ڪرڻ وڃي رهيو آهي جتي ان جون نئين پروگرام جي لاءِ آءِ ايم ايف عملدارن سان ملاقاتون ٽيندیون، آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو نئون پروگرام ضروري آهي

ايف بي آر جي ڊيجيٽلائيزيشن تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي، اميد آهي ته هلندڙ مهينيٰ ئي ڪنسلٽنٽس مقرر ٿي ويندا، انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ ترقي جي تمام گهٽي گنجائش آهي

ججز جي خط تي سپريم ڪورٽ پاڻمرادو ڪارروائي ڪري رهي آهي، خطن ۾ ملندڙ مشڪوڪ پائوڊر جي معاملي جي جاچ جاري آهي، ان معاملي تي سياست نہ ٽيڻ گهرجي

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظر محمد شهباز شريف چيو آهي ته ججز جي خط تي سپريم ڪورٽ پاڻمرادو ڪارروائي ڪري رهي آهي، خطن ۾ ملندڙ مشڪوڪ پائوڊر جي معاملي جي جاچ جاري آهي، ان معاملي تي سياست نہ ٽيڻ گهرجي، حڪومت پوري ذميواري سان رات ڪم ڪرڻو پوندو، آءِ ايم ايف سان هلندڙ مهينيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

جججي مقرريءَ ۾ متنازعه سلوڪ ڪيو پيو وڃي: چيف جسٽس پشاور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس کي خط

سپريم ڪورٽ ۾ مقرري لاءِ منهنجا اهڙا تعلقات نہ آهن جيڪي اهڙي موقعي تي ڪم ايندا آهن: جسٽس ابراهيم خان

توقع آهي ته هن خط ڪانپوءِ توهان منهنجي خلاف نہ ٽي ويندا، چاڪاڻ ته توهان پاڻ به آواز اٺارايندا رهيا آهيو

اهو پڇاڻ چاهيان ٿو ته ڪهڙو سبب هو جو چار جايون خالي هجڻ باوجود رڳو هڪ مقرري ڪئي وئي؟

پشاور (ر ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، چيف جسٽس پاڪستان کي خط لکي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ ججن جي مقرري ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04



پشاور: جي يو آءِ اڇواڻ مولانا فضل الرحمان ايمل ولي خان سان تعزيت ڪندي

وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران ملڪ
۽ قوم جي لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي
خدمتن تي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد(ر ڊ) وزيراعظر محمد شهباز شريف چيو آهي ته اسان ملڪ ۽ قوم جي لاءِ شهيد ذوالفقار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي

شام ۾ ايراني قونصلخاني تي تازي حملي جي مذمت ڪريون ٿا: پرڏيهي ترجمان

غزه ۾ اسرائيل جي ظلمن ۽ غيرذميوارائي حملي تي ان کي جوابده ٽيڻ گهرجي

خوراڪ آئيندڙ انساني امدادي قافلي کي نشانو بڻائڻ انساني قانون جي سنگين خلاف ورزي آهي

اسلام آباد (ر ڊ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ شام ۾ ايراني قونصلخاني تي تازي حملي جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي ته خطي ۾ اسرائيل جي "مهر جوئي" ناقابل قبول آهي. غزه ۾ اسرائيل جي ظلمن ۽ اڃ کان غيرمستحڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ اڇواڻ اعظم سواتي عدالت سامهون سرينڈر ڪري ڇڏيو

ڊيوٽي جج رخشنده شاهين پاران هڏڻي، اعظم سواتي طرفان ضمانت جي درخواست داخل

اسپيشل سينٽرل جج سندس 20 اپريل تائين ضمانت منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (ر ڊ) عدالت پي ٽي آءِ اڇواڻ اعظم سواتي جي سرينڈر ڪرڻ کانپوءِ 20 اپريل تائين ضمانت منظور ڪري ورتي. تڪراري ٽويٽ ڪيس ۾ اشتهاري اعظم سواتي عدالت سامهون سرينڈر ڪري ڇڏيو. اسپيشل جج سينٽرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اين اي 81 تان ن ليگ جي اظهر قيوم جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن معطل

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس شاهد ڪريم جي بلال اعجاز چوڌري جي درخواست تي هڏڻي

رٽرننگ آفيسر ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ تي درخواستگذار جا اپائي هزار ووٽ گهٽ ڪري ڇڏيا

لاهور (ر ڊ) گوجرانوالا جي تڪ اين اي 81 تان ن ليگ جي اظهر قيوم جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪيو ويو، ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اڻ اعلاڻيل لوڊشيڊنگ، ڪي اليڪٽرڪ سميت 5 ڪمپنين تي ڏنڊ

بجلي ورهائيندڙ 5 ڪمپنين تي اڻ اعلاڻيل لوڊشيڊنگ ڪرڻ جو الزام ثابت ٿي ويو

بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي گذريل سال سيپٽمبر ۾ شوڪاز نوٽيس ڏنا: نيپرا

اسلام آباد (ر ڊ) گرمين ۾ اڻ اعلاڻيل لوڊشيڊنگ جي معاملي تي نيپرا کي اليڪٽرڪ سميت بجلي ورهائيندڙ 5 ڪمپنين تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

آمريڪي سفارتخاني جي وفد جو اڊيالا جيل جو دورو

3 رڪني وفد کي جوابدار ظاهر جعفر تائين قونصلر پهچ ڏني وئي

جوابدار ظاهر جعفر سان ملاقات ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ روم ۾ ڪرائي وئي

راولپنڈي (ر ڊ) آمريڪي سفارتخاني جي وفد اڊيالا جيل جو دورو ڪيو. جيل ذريعن موجب آمريڪي سفارتخاني جي 3 رڪني وفد کي جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ٽرپارڪر ۾ غذائي ڪوٽ جو شڪار 3 ٻار حياتي وڃائي وينا

فوت ٿيل 3 ٻارن جون عمرون هڪ سال جي وچ ۾ آهن: صحت ڪاتو

فوت ٿي ويل ٻار جو تعلق ٽرپارڪر جي ڏوراهين علاقتن سان آهي

ملي (رپورٽ) ٽرپارڪر ۾ غذائي ڪوٽ ۽ مختلف بيمارين ۾ مبتلا 3 ٻارن ملي جي اسپتال ۾ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو. صحت ڪاتي موجب گذريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ايران ۾ سيڪيورٽي چيڪ پوسٽن تي حملا 11 اهلڪار مارجي ويا

چيڪ پوسٽن تي حملي ۾ ملوث 16 دهشتگردن کي آپريشن ۾ ماريو ويو

جيش العدل جي حملي کي مڪمل طور ناڪام بڻايو ويو آهي: ايران

تهران (ر ڊ) ايران جي شهر راسڪ ۽ چاه بهار ۾ هڪ ئي وقت پوليس ۽ ملٽري پوسٽن تي حملا ويا. ايراني ميڊيا موجب فورسز پوليس ۽ ملٽري چيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19



اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق سان ايراني وفد ملاقا تڪندي

گهوٽڪي ۾ پناڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڌر قتل، 2 زخمي

ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران اسسٽنٽ مختيارڪار آغا نشان پناڻ ڏڙي تي قتل ٿيو

پوليس اهلڪار لالا شعيب پناڻ ۽ لالا اظهر پناڻ زخمي ٿي پيا

گهوٽڪي (ر ڊ) گهوٽڪي مين چوڪ سڏي ۾ پناڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌر قتل جڏهن ته 2 ڇڻا زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ پوليس اهلڪار کان وائرليس سيٽ کسيو ويو

فلاءِ اوور تي موجود ٽريفڪ اهلڪار موٽر سائيڪل تي سوار ٻن جوابدارن کي روڪيو

جوابدارن موٽر سائيڪل واپس موڙي ۽ بيهارينڈڙ اهلڪار کان وائرليس سيٽ کسي فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي ۾ ڏوهاري ايڏا بي خوف ٿي ويا جو هاڻ پوليس وارا به محفوظ نہ رهيا. شاهراهِ فيصل تي ايئرپورٽ پرسان پوليس اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

بشريٰ بي بي کي زهر ڏيڻ جون ڪي به شاهديون نہ مليون آهن: ڊاڪٽر عاصر يوسف

بشريٰ بي بي جي معدي ۾ ايان به جلن آهي، 2 مهينا اڳ ڪجهه هو ته اهو مون نہ ڏٺو هو

جيڪڏهن ماضي ۾ ڪجهه ٿيو ته مان ان جي باري ۾ ڪجهه نٿو چئي سگهان، هن وقت زهر جا ڪي به اثر نہ آهن

بشريٰ بي بي جي طبيعت 100 سيڪڙو صحيح نہ آهي، بشريٰ بي بي جون تفصيلي ٽيسٽون ٽيڻ گهرجن

اسلام آباد (ر ڊ) بشريٰ بي بي جي معالج ڊاڪٽر عاصر يوسف چيو آهي ته اڃان تائين اڤوين کي به شاهديون نہ مليون آهن ته بشريٰ بي بي کي زهر ڏنو ويو آهي. صحافين سان گفتگو ڪندي ڊاڪٽر عاصر يوسف چيو ته بشريٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10



اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان چيني سفير ملاقات ڪندي

پتو جو عدالتي قتل پاڪستان خلاف ڪريل سازش هئي: صدر

هن جنگ سان تباهه ٿيل ملڪ جي ٻيهر تعمير ڪري ان کي دنيا جي باوقار ملڪن جي صف ۾ شامل ڪيو

شهيد پتو پنهنجي ملڪ جي عوام کي سوچڻ جو شعور، ڳالهائڻ لاءِ زبان ۽ فخر سان ڪنڌ کٽي جيئڻ جو ڍنگ سيکاريو

قائد عوام جو عدالتي قتل حقيقت ۾ تيز رفتاري سان ترقي جون منزلون طئي ڪندڙ ملڪ جي پٺي ۾ ڇرو هڻڻ جهڙو هو

اسلام آباد (ر ڊ) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته عوام جي ڀهرئين چونڊيل وزيراعظر ذوالفقار علي پتو جو عدالتي قتل حقيقت ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

صدر آصف علي زرداري سان پاڪستان ۾ چين جي سفير جي ملاقات، مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد(ر ڊ) صدر آصف علي زرداري سان پاڪستان ۾ چين جي سفير جيانگ زائيدونگ ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ميثاق جمهوريت ۾ ڪيل واعدن تي عمل ڪيو وڃي: بلاول جو وفاقي حڪومت کان مطالبو

شهيد ذوالفقار علي پتو جو عدالتي قتل ڪيو ويو، اهو هڪ تاريخي ڏوهه ٽيو، شهيد پتو کي فيئر ٽرائل نہ مليو

عدليا تي عوام جو اعتماد ناهي رهيو، عدالتي نظام ۾ ستارن ڌاڻهن وڌاڻو پوندو، جڊيشل ريفارمز لاءِ جدوجهد ڪنداسين

مراد علي شاهه جلد ترقياتي فنڊن جو اعلان ڪندو، صوبائي سطح تي هاري ڪارڊ متعارف ڪرائيندا سين: ڪارڪنن کي خطاب

نئون ديرو (ر ڊ) ب پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ وفاقي حڪومت جي حمايت جو فيصلو ڪيو، ميثاق جمهوريت ۾ ڪيل واعدن تي عمل ڪيو وڃي. ب پ باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي برسي جي موقعي تي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد ذوالفقار علي پتو جو عدالتي قتل ڪيو ويو. اهو هڪ تاريخي ڏوهه ٽيو. شهيد پتو کي فيئر ٽرائل نہ مليو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

انٽربئنڪ ۾ ڈالر مهانگو، اوپن مارڪيٽ ۾ سستو ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڈالر 21 پئسا سستو ٿي 279 روپين 77 پئسن جو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) انٽربئنڪ ۾ آج ڈالر سستو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو ٿي ويو. اسٽيٽ بئنڪ موجب انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڇاڻي تي ڈالر آهي هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڈالر 21 پئسا سستو ٿي 279 روپين 77 پئسن جو ٿي ويو آهي اسٽيٽ بئنڪ موجب انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ايس ايس ٽي امتحان ٻيهر ونڊ جو اعلان

مڪمل جاچ کانپوءِ ٿبوتن جي بنياد تحت ملوث عملدارن خلاف ايف آءِ آر به داخل ڪرائي وئي: ترجمان

ملتوي ڪيل ايس ايس ٽي جي امتحان جو شيڊيول 23 اپريل 2024ع کان جاري ڪيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن تحت ڊپٽي مهينواڳ پيپر آئوٽ ٿيڻ ڪري رد ٿيل سيڪنڊري اسڪول ٽيچر (ايس ايس ٽي) جي امتحانن وارو معاملو پبلڪ سروس ڪميشن رد ٿيل امتحان ٻيهر ونڊ جو اعلان ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

عمران ۽ بشريٰ بي بي شاهانه انداز ۾ شاهي جيل ڪاٽي رهيا آهن: عظمىٰ بخاري

4 ڊاڪٽرن اڄ بشريٰ بي بي جو تفصيلي ميڊيڪل چيڪ اپ، زهر يا هارپڪ جا ڦڙا ڊيٽ جون شاهديون نہ مليون

بشريٰ بي بي ۽ اڇوٽي پي ٽي آءِ چيئرمين ڊار ڊار بيان ڏئي پاڻ کي شڪي ۽ ڪوڙو ثابت ڪيو

مخالفن کي جيلن ۾ وجهندڙ پاڻ 7 عدد سيل ۾ بادشاهن جيان زندگي گذاري رهيو آهي

لاهور (ر ڊ) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري چيو آهي ته پمز اسپتال جي 4 سينئر ڊاڪٽرن اڄ بشريٰ بي بي جو تفصيلي ميڊيڪل چيڪ اپ ڪيو. طبي معائني ۾ زهر ڊيٽ يا هارپڪ جا ڦڙا ڊيٽ جون ڪي به شاهديون نہ مليون آهن. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته بشريٰ بي بي کي شڪايت هئي ته ڪاڏي ۾ مرچون وڌيڪ هيون. بشريٰ بي بي ۽ اڇوٽي پي ٽي آءِ چيئرمين ڊار ڊار بيان ڏئي پاڻ کي شڪي ۽ ڪوڙو ثابت ڪيو. ميڊيڪل ٽيم جي چيڪ اپ کان پوءِ اها ڳالهه چٽي ٿي وئي آهي ته بشي زال مؤس عادي ڪوڙا آهن. اڇوٽسو پي ٽي آءِ چيئرمين ته زمان پارڪ ۾ رهڻ دوران به زهر جون ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20



اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان اجلاس جي صدارت ڪندي

سينيٽ اجلاس 9 اپريل تي ٽيڻ جو امڪان، نوان چونڊيل ميمبر حلف ڪٽندا

نون چونڊيل ميمبرن جي حلف کٽڻ کان پوءِ ڊپٽي چيئرمين ۽ سينيٽ چيئرمين جي چونڊ به ڪئي ويندي

خيبرپختونخواهه جي 11 سيٽن تي چونڊون ملتوي ٿيڻ کان پوءِ سينيٽ ۾ هاڻ ميمبرن جو ٽوٽل انگ 85 ٿي ويو

هينئر تائين جي پارٽي پوزيشن موجب پيپلز پارٽي 24 سيٽن سان سينيٽ جي سڀني کان وڏي پارٽي بڻجي وئي آهي

اسلام آباد (ر ڊ) سينيٽ اجلاس 9 اپريل تي ٽيڻ جو امڪان آهي جنهن ۾ سينيٽ جا نوان چونڊيل ميمبر حلف کڻندا. ذريعن موجب ايوان جو اجلاس 9 اپريل تي طلب ڪرڻ جي سمري تيار ڪئي وئي آهي ۽ سينيٽ جي ٻهرين اجلاس ۾ نوان چونڊيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي: بابر اعوان

جسٽس بابر ستار جي فيصلي کانپوءِ ان عدالت کي ختم ڪرڻ جي سازش تيز ٿي وئي پر وڪيل مزاحمت ڪندا

حڪومت ونڊ اڇرو ڪو پلان ناهي ته ميثاق جمهوريت جي ڀڃڻ جي خط جي معاملي تي سپريم ڪورٽ ۾ فل ڪورٽ جڙندي

اسلام آباد (ر ڊ) پي ٽي آءِ اڇوٽ بابر اعوان چيو آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي پر وڪيل مزاحمت ڪندا ۽ ججن ۽ عدليا جو تحفظ ڪندا. صحافين سان ڳالهائيندي بابر اعوان چيو ته اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

حافظ نعيم الرحمان جماعت اسلامي پاڪستان جو امير چونڊجي ويو

نئين امير جي چونڊ لاءِ جماعت اسلامي جي 45 هزار کان وڌيڪ ميمبرن ووٽن ۾ حصو ورتو

جماعت اسلامي جي چونڊ ڪميشن سراج الحق، لياقت بلوچ ۽ حافظ نعيم الرحمان جي نالن جو اعلان ڪيو هو

جماعت اسلامي ۾ دستور موجب هر سطح تي باقاعدگي سان چونڊيون ٿيندیون آهن: ترجمان قيصر شريف

لاهور (ر ڊ) حافظ نعيم الرحمان جماعت اسلامي پاڪستان جو امير چونڊجي ويو آهي. حافظ نعيم الرحمان جماعت اسلامي پاڪستان جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30



اسلام آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار رانا مشهود پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي ۾ قرمزاحمت تي نوجوان جي قتل ۾ ملوث جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

ڪراچي (ر ڊ) نيو ڪراچي جي علاقي بلال ڪالوني ۾ قرمزاحمت تي نوجوان جي قتل جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

خيبرپختونخواهه: قومي اسيمبلي جي هڪ، صوبائي جي 5 تڪن جا چونڊ نتيجا چيلينج

پٽيشن ۾ اليڪشن ڪميشن، سترڪٽ ريٽرننگ آفيسر، ريٽرننگ آفيسر ۽ ڪامياب اميدوارن کي ڌر بنايو ويو

درخواستگذار فارم 45 ۾ ڪامياب ٿيا جڏهن ته فارم 47 مخالف اميدوار کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي: درخواست

پشاور (ر ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ قومي اسيمبلي جي هڪ ۽ صوبائي اسيمبلي جي 5 تڪن جا چونڊ نتيجا چيلينج ڪيا ويا آهن. اليڪشن ٽربيونل ۾ جن تڪن جي اميدوارن طرفان چونڊ نتيجا چيلينج ڪيا ويا آهن انهن ۾ قومي اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شيرين مزاري جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جسٽس ثمن رفعت امتياز پاران ڪيس جي ٻڌڻي، اڇوٽي وفاقي وزير پنهنجي وڪيل سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي

اسان شيرين مزاري جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش ڪري چڪي هئي: نيب پراسيڪيوٽر رافع مقصود

اسان 27 مارچ تي وزيراعظر کي خط لکي اطلاع ڏني هئي ته شيرين مزاري هن ڪيس ۾ ملوث نہ آهي



اسلام آباد: وفاقي وزير خواجا آصف سان برطاوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

اسلام آباد (ر ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڇوٽي وفاقي وزير شيرين مزارين جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جسٽس ثمن رفعت امتياز ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. اڇوٽي وفاقي وزير پنهنجي وڪيل سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي. نيب پراسيڪيوٽر رافع مقصود چيو ته اسان شيرين مزاري جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش ڪري ڇڏي هئي. رافع مقصود موجب شيرين مزاري 190 ملين پائونڊ نيب ڪيس ۾ نامزد ته آهي. اسسٽنٽ اٽارني جنرل چيو ته اسان 27 مارچ تي وزيراعظر کي خط لکي اطلاع ڏني هئي ته شيرين مزاري هن ڪيس ۾ ملوث نہ آهي. جنهن تي جسٹس رفعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

توانائي ستاراڻه ٽيا ته بجلي وڌيڪ مهانگي ڪرڻي پوندي: عالمي بينڪ خبردار ڪري ڇڏيو

جنوري 2024 تائين پاور سيڪٽر جو گردشي قرض 2635 ارب روپين تائين پهچي چڪو آهي: ورلڊ بينڪ

گئس جي شعبي ۾ سرڪلر ڊيٽ 2866 ارب روپين تائين پهچي چڪو، قرض معيشت جي 2.7 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي

بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جا نقصان معيشت جو 0.2 سيڪڙو مان وڌي 0.5 سيڪڙو تائين پهچي ويا: رپورٽ

اسلام آباد (ر ڊ) عالمي بئنڪ توانائي جي شعبي ۾ سڌارن جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته توانائي سڌارا نہ ٽيا ته بجلي وڌيڪ مهانگي ڪرڻي پوندي. عالمي بئنڪ توانائي جي شعبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

شڪارپور: مهر مارفاٽي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ، نوجوان قتل

مارفاٽي برادري جي هٿياربندن ڳوٺ ٻانيئڻ تي حملو ڪري نوجوان رياض مهر کي قتل ڪيو

اطلاع ملڻ تي ڊي ايس پي ڳڙهي ياسين خدابخش پنهور پوليس اٽالن سان واقعي واري هنڌ پهتو، لاش اسپتال منتقل

شڪارپور (ر ڊ) شڪارپور پرسان ڳڙهي ياسين ۾ مهر مارفاٽي تڪرار تان هٿياربندن فائرنگ ڪري نوجوان رياض مهر کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي. مارفاٽي برادري جي هٿياربندن هلندڙ تڪرار تان ڳوٺ ٻانيئڻ ۾ حملو ڪري 35 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ملڪ جي هلندڙ صورتحال دوران منهنجي خاموشي اهم آهي: شيخ رشيد

حوصلا، صبر، استحڪام ۽ خاموشي سان اهڙن سمورن معاملن کي حل ڪرڻ گهرجي

مون کي شڪست ملي ۽ مون عام چونڊن کي به مڃيو، جيڪي چونڊن ۾ ڪتيا آهن انهن کان ڏاڍلي جي باري ۾ به پڇيو

خطن کي جج پاڻ بهتر طور تي بحث هيٺ آڻي رهيا آهن، اهو تمام سيريس معاملو آهي: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (ر ڊ) اڇوٽي وفاقي ڪهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته ملڪ جي هلندڙ صورتحال ۽ موجوده حالتن ۾ منهنجي خاموشي وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عمران خان ۽ شيخ رشيد کي لانگ مارچ دوران پيچ ڀاڪ واري ڪيس ۾ آجو فرار ڏيڻ جي درخواستن تي فيصلو محنوظ

اسلام آباد جي عدالت پي ٽي آءِ بانيءِ عمران خان ۽ شيخ رشيد کي لانگ مارچ دوران پيچ ڀاڪ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: پ پ اڇواڻ سعيد غني شهيد ذوالفقار جي ورسي تقريب ۾ دعا گهرندي

مٺياڻيءَ ۾ ٺڳ سونا زيور پيٽا ڪري ڏيڻ جي بهاني لکين رپيه ڦر ڪري ويا

درزي دوڪاندار برڪت مشوريءَ کي پنهنجي جادوئي علم ۾ قابو ڪري گهر جا زيور پيٽا ڪري ڏيڻ بهاني جوابدار کي گهروٺي ويو

ٺڳ جوابدار پنهنجي علم ذريعي سيني گهرڀاتين کان سونا زيور، اٽڪل اڍائي لک رپيه روڪ رقم ۽ ٻه موبائيل فونز وٺي فرار ٿي ويو

واردات کان پهرين درزيءَ جي دوڪان تي ويٺل مبينا ٺڳ جي تصوير هڪ نوجوان پاران ڪڍي پڻ پوليس حوالي ڪئي وئي

نوشهروفيروز (رپورٽر) مٺياڻيءَ ۾ ٺڳ سونا زيور پيٽا ڪري ڏيڻ جي بهاني لکين روپيه روڪ رقم، سونا زيور ۽ ٻه موبائيل فونون کڻي فرار ٿي ويا . مٺياڻي ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل . جوابدار جو فوٽو هٿ. خبر موجب مٺياڻيءَ جي درزي دوڪاندار برڪت علي مشوريءَ کي پنهنجي جادوئي علم ۾ قابو ڪري گهر جا زيور پيٽا ڪري ڏيڻ بهاني هو جوابدار کي گهروٺي ويو . ٺڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽرڪول ڪمپنين جون زيادتيون جاري، متاثرين پاران ڪمپنين خلاف الڳ الڳ مظاهرا

ڳوٺ تلوايو،وروائي ۽ بلاڪ ٽوجي نئين ماڊل وليج ڳوٺ سنهري درس جي رهواسين پاران احتجاج ڪيو ويو

ٽرڪول جي کوٽائي سبب پهرين اسان جو ڳوٺ متاثر ٿيو،اسان ملڪي ترقي خاطر قرباني ڏئي لڏپلاڻ ڪئي : مظاهرين

گهرن مٿي ڊمپنگ جي مٽي اڇلائي ۽ رهيل زمين تي زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪيو پيو وڃي،اسان کي روزگار نه ٿو ملي، انصاف ڪيو وڃي

اسلام ڪوٽ (رپورٽر صادق بجير) ٽرڪول ڪمپنين جون زيادتيون جاري، متاثرين پاران ڪمپنين خلاف الڳ الڳ مظاهرا. مسئلا حل ڪرڻ جون دانهون، خبرموجب:ٽرڪول بلاڪ ون جي ڳوٺ تلوايو،وروائي ۽ بلاڪ ٽوجي نئين ماڊل وليج ڳوٺ سنهري درس جي رهواسين ڪمپنين جي زيادتين خلاف پريس ڪلب اسلام ڪوٽ آڏو الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪري سخت / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پيلو شهر پرسان نوجوان پاران
مٿان بندوق جو فائر ڪري
مبينا آپگهات ڪري ڇڏيو

ڏڙو (ن سنڌ يار) ڏڙو: پيلوشهر پرسان نوجوان پاران پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪري مبينا آپگهات ڪري ڇڏيو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل، خبر موجب پيلو شهر ويجهو ڳوٺ شادو پنهور ۾ 22 ورهين جي نوجوان علي گل پنهور مبينا آپگهات ڪري ڇڏيو، نوجوان علي گل پنهور گهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



اسلام ڪوٽ: ٽرڪول جا متاثر ڳوٺاڻا احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ملير: سپرهاءِ وي سبزي منڊي پرسان واپارين کان ڦر، واپاري روڊن تي نڪري آيا

سپرهاءِ وي تي ڊرٽو، حيدرآباد ڪراچي اينڊڙ ويندڙ ٽريڪ بند، گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون

احتجاج ڪندڙن جون پوليس خلاف دانهون، جوابدارن جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکيو ويندو : واپاري

پوليس اطلاع باوجود نه پهتي ڊسٽرڪٽ اوير جي ايس ايس پي کان پوليس خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيون ٿا

مليرا رپورٽ فاروق پنگوار) سپر هاءِ وي سبزي منڊي پرسان واپارين کان ڦر، واپاري روڊن تي نڪري آيا سپر هاءِ وي تي ڊرٽو، حيدرآباد ڪراچي اينڊڙ ويندڙ ٽريڪ بند، گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون، سائيٽ گڏ سپر هاءِ وي پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو ۾ معصوم نياڻي پريا ڪماري جي
بازيابي لاءِ شروع ڪيل جدوجهد کي 7
ڏينهن ٿي ويا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا سرجهار فورم پاران 22 مهينا اڳ اغوا ٿيل سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ شروع ڪيل جدوجهد کي 7 ڏينهن ٿي ويا، فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ، شهزاد علي ميمڻ، شبير احمد بالادي، علي اڪبر خانزادو، آصف خانزادو، عبدالرزاق سيال، آذان ميمڻ، محبوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27



ملير: واپاري ڪان ڦرخلاف سپر هاءِ وي بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ ڊي سي جي صدارت هيٺ ڪڻڪ جي شفاف خريداري لاءِ اجلاس منعقد

اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊپٽي ڊاريڪٽر بشير احمد شيخ، فوڊ ڪنٽرولر آفيسر دلدار احمد ڪلوڙ ۽ ٻين جي شرڪت

فوڊ ڪاتي ساڍي چار لک ڪڻڪ جي بورين جي خريداري لاءِ 21 سينٽر کوليا آهن : آفيسرن جي ڊي سي کي بريفنگ

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪڻڪ جي شفاف خريداري لاءِ ڊپٽي ڪمشنر سکر آفيس ۾ فوڊ ڪاتي جي آفيسرن ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر ڊپٽي ڊاريڪٽر سکر فوڊ انسپيڪٽرن جي اهم اجلاس ڊي سي سکر جي صدارت ۾ آبادگارن کي ڪڻڪ بو باردانو زمين جي سٽين فارم جي وصول ڪرڻ بعد باردانو ڏيڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ اجلاس ٿي گڏيو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ عالي جهرڪ جي رهواسين پاران احتجاج

مظاهرين زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪئي

علائقي جي بااثر هٿيارن جي زور تي زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي : مظاهرين

قبضي ۾ ملوث بااثر ماڻهن خلاف ترت ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ عالي جهرڪ جي رهواسين پاران زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪئي انهي موقعي تي ڳوٺ عالي جهرڪ جي رهواسين عارب جهرڪ ، عبدالقادر جهرڪ ، علي حسن جهرڪ ، گل حسن ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته اسانجي سروي زرعي زمين پنج ايڪڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ملير: ديوان سيمينٽ فيڪٽري جي پورهيتن پاران حقن جي حاصلات لاءِ ڪم ڇڏ هڙتال

2018 کان وٺي پگهارون نه وڌايون ويون آهن، اسان کي ساليانو 5 پرسنٽ بونس ۽ عيد بونس به نٿو ڏنو وڃي : مظاهرين

ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته چيو ٿو وڃي ڪمپني کساري ۾ آهي

آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، اسان سان ناانصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن

ملير (ڊ ر) ديوان سيمينٽ فيڪٽري جي پورهيتن پاران حقن جي حاصلات لاءِ ڪم ڇڏ هڙتال، سوين پورهيتن جو ڪمپني جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو، 2018 کان وٺي پگهارون نه وڌايون ويون آهن، اسان کي ساليانو 5 پرسنٽ بونس ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

محمد خان جي شوڪت
ڪالوني جي رهواسڻ انصاف
لاءِ پريس ڪلب پهتي

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني جي رهواسڻ پيرسن معذور بيواهه عورت مسمات بڄان بانو حاجاڻي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي صحافين اڳيان روئيندي ڏانهيو آهي ته مبارڪ حاجاڻو ۽ رشيد حاجاڻو منهنجي وي سي جا گڏ ٽيل اڍائي لک روپيا هڙپ ڪري ويا آهن جنهن جا گواهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31



ملير: فيڪٽري جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

شڪارپور پرسان مستحق هڪ 100 بيروزگار ماڻهن ۾ مفت چنگچي رڪشا ورهائڻ جي تقريب

تعلقي سميت شڪارپور ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جي بيروزگار نوجوانن ۾ مفت چگچي رڪشا ورهايا ويا

اسان 2011 کان وٺي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پاڻي، نوان گهر، راشن، نلڪا ۽ ٻيا فلاحي ڪم ڪري رهيا آهيون : اڳواڻ

اهو ڪم سرڪار جو آهي مگر اسان انساني خدمت ڪرڻ تي دلي سکون محسوس ڪريون ٿا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي پرسان ڳوٺ مارون برڙا غريب ۽ مستحق هڪ 100 بيروزگار ماڻهن ۾ مفت چنگچي رڪشا ورهائڻ جي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ڳڙهي ياسين تعلقي سميت شڪارپور ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جي بيروزگار نوجوانن ۾ مفت چگچي رڪشا ورهايا ويا ، ان موقعي تي بابر پائي ۽ منير برڙو صحافين کي بڌايو ته اسان 2011 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميرپور ماٿيلو ۾ ايف ايف سي ڪيل هڪ ٻيو واعدو مڪمل ڪري ڇڏيو

محمد سليم چيما جي حڪم تحت مختلف ڳوٺن جي سرڪاري اسڪولن جي مرمت جو ڪم تيزي سان جاري

گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت مرمت ڪرائڻ بعد گذريل ڏينهن فرنيچر سميت استادن حوالي ڪئي وئي

دنيا سان گڏ هلڻ لاءِ بهتر تعليم ضروري آهي انڪري سان سيني کي تعليم جي بهتري لاءِ قدم کڻڻ گهرجن : اڳواڻ

ميرپورماٿيلو رپورٽ ظهير وسير) ايف ايف سي پاران ڪيل هڪ ٻيو واعدو مڪمل ڪيو ويو، ريزيڊنٽ مئنيجر برگيڊيئر محمد سليم چيما جي حڪم تحت مختلف ڳوٺن جي سرڪاري اسڪولن جي مرمت جو ڪم تيزي سان جاري آهي، جڏهن ڳوٺ قلندر بخش عباسي جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت مرمت ڪرائڻ بعد گذريل ڏينهن فرنيچر سميت استادن حوالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز : ٻن مهينن
کان نه ملندڙ معصوم ٻار
سيوهڻ مان بازياب

نوشهرو فيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي) ايس ايڇ او نوشهروفيروز اسد نبي ڪچي صاحب ٻن مهينن کان نه ملندڙ معصوم ٻار ڪورٽ جي حڪم سان سيوهڻ مان بازياب ڪرائي ايڊيشنل سيشن جج نوشهروفيروز جي عدالت ۾ پيش ڪيو، عدالت سگوري معصوم ٻارڙي کي ماءُ حوالي ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب مسمات زينب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34



ميرپورماٿيلو: ايف ايف سي جو مئنيجر ڏاج جو سامان ورهائي رهيو آهي

ڪنڌڪوٽ_غوثپور پل پرسان هٿياربندن جي فائرنگ، هڪ قتل

هٿياربندن جي فائرنگ سبب خيرپور واسي نوجوان مسافر عنايت الله کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

زخمي ٽيل نوجوان ۽ شهيد ٽيل نوجوانن ٻنهي کي پوليس سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ جنيد غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ/ احتجاج روڊ بلاڪ ڪنڌڪوٽ: رات دير سان ڪوچ تي چورن فائرنگ ڪري ڏني ڪنڌڪوٽ: هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو عنايت الله ٽنيو مارجي ويو 3 ڄڻا زخمي، هڪ ڄڻو اغوا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22



ڪنڌڪوٽ: نوجوان جي قتل خلاف سندس مائٽ احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز واسي پاران اڳوٽي زال ۽ سالن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

اڳوٽي زال صائمه منگي ۽ سندن مائٽن منهنجي خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي : حنيف منگي

سالن ۽ اڳوٽي زال پاران هن کي ورغلائڻ بند ڪيو وڃي ۽ مون کي تحفظ ۽ انصاف ڏيار يو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) اڳوٽي زال ۽ سالن جي مبينا زيادتين خلاف ڏانهن ڪٽي نوشهروفيروز واسي حنيف منگي پرياسٽي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته اڳوٽي زال صائمه منگي ۽ سندن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ نوجوان کي سامهون اينڊڙ موٽرسائيڪل ٽڪر هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

روڊ حادثي بعد نوجوان کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ لال بتي اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

سٽي پوليس حسين منڊرو جي موٽر سائيڪل تحويل ۾ وٺي حادثي جي رپورٽ داخل ڪري ڇڏي

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) بدين سيرائي روڊ تان موٽر سائيڪل تي روزي جو سامان وٺي گهر ويندڙ 18 سالا نوجوان شاهجهان شاهاڻي کي سامهون اينڊڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سڪرنڊ ۽ پسگردائي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو

وڏن ماڻهن ۽ خاص ڪري ننڍن ٻارن ۾ مليريا پکيڙجي وئي

مليري ڪاتو اگهور نند ۾ سٽل، رهواسي سخت پريشان ٿي ويا

سڪرنڊ(رپورٽ راج ڪماراوڏ) سڪرنڊ ۽ پسگردائي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو وڏن ماڻهن ۽ خاص ڪري ننڍن ٻارن ۾ مليريا پکيڙجي وئي مليري ڪاتو اگهور نند ۾ سٽل آهي سڪرنڊ تعلقي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن سميت دوائون جي به ڪوٽ آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

گلاب لغاري ۾ ٽن مهينن کان پاڻي جي هترادو ڪوٽ خلاف احتجاج

عملي پوچڙي جي حصي جو پاڻي منڊ جي بااثرن کي ڳري رشوت وٺي ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

پوچڙي ۾ زرعي توڙي پيئڻ جو پاڻي ڏياري آبادگارن ۽ هارين جي بيچيني ختم ڪرائي وڃي

گلاب لغاري(رپورٽر: گلزار لغاري) ٻڪيرائي سب ڊويزن جي سرفراز واهه مان نڪرندڙ زئونر شاخ جي پوچڙي ۾ گذريل ٽن مهينن کان پاڻي جي هترادو ڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18



گلاب لغاري: پاڻي جي هترادو ڪوٽ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ ۾ هارين ڪاتيدارن جي گڏيل احتجاجي ڪئمپ ٽئين ڏينهن به جاري

احتجاجي ڪئمپ تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقا صدر محمد ايوب ڪوسو ۽ ٻين جي آمد

سرڪاري اگهه 4000 روپين تي ڪڻڪ خريد نه ڪئي وئي ته احتجاجي ڪئمپ قائم رهندي : اڳواڻ

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪمار اوڏ) ڪڻڪ جي باردانو لاءِ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقا سڪرنڊ ۽ هارين ڪاتيدارن جي گڏيل احتجاجي ڪئمپ اڄ ٽين ڏينهن به مجيد ڪيريو جي گدام جي آڏو جاري رهي احتجاجي ڪئمپ تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17



سڪرنڊ: ڪڻڪ سرڪاري اگهه تي خريد نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ جي ماڊرن اسپتال انتظاميه پاران افطاري جو اهتمام

عوام کي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ منفرد ۽ جديد اسپتال قائم ڪئي وئي آهي : اڳواڻ

نالي وارا ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون ۽ تجربيڪار اسٽاف مريضن جي چڪاس لاءِ 24 ڪلاڪ موجود آهن

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير)اسلام ڪوٽ جي ماڊرن اسپتال انتظاميه پاران افطاري جو بندوبست ڪيو ويو جنهن ۾ روزيدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي انهي سلسلي ۾ افطاري بعد دي ماڊرن اسپتال جي ايڊمنسٽريٽر شهزاد احمد صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي، ڀيٽا پيش

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي عالمي سامراجي قوتن بيگناهه قتل ڪرايو : زاهد شاهه بخاري

جيڪڏهن اڄ زنده هجي ها ته پاڪستان ڏاهن ڪنهن کي به ميري اک سان ڏسڻ جي جرئت نه ٿئي ها

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني چيئرمين ۽ 73 جي آئين جي خالق شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ٻ ٻ آفيس ليبر ڪالوني ۾ دعا تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ ٻ ٻ ورڪرن جي وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



سکر: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي دعا گهري پئي وڃي

ايس ايس پي سکر رمضان شريف جي مهيني ۾ شراب وڪري جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

ايس ايڇ او اي سيڪشن کان وضاحت طلب، سمورن لاڳاپيل ايس ايڇ اوز کي وارننگ جاري

پوليس جي ڪاروائي شراب جون بوتلون هٿ، سماجي برائين خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم

سکر(رپورٽ .اماد علي گل ڪلوڙ) ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ جو رمضان شريف جي مهيني ۾ شراب وڪري تي سخت نوٽيس، ايس ايڇ او اي سيڪشن کان وضاحت طلب، سمورن لاڳاپيل ايس ايڇ اوز کي وارننگ جاري.اي سيڪشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڪرنڊ پوليس جي منشيات ڪپائيندڙن خلاف وٺ پڪڙ ۾ تيزي اچي وئي

مختلف هنڌن تان چار ملزم ڪچي شراب ۽ نشيدار سوپارين سميت گرفتار ڪيا ويا

اڳ به منشيات ڪپائيندڙن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو آهي : پوليس

سڪرنڊ(رپورٽر: راج ڪماراوڏ) ايس ايس پي شهيد بينظير آباد تنوير حسين تنيو پاران منشيات جي وڪري ۽ استعمال خلاف ڪاروايون ڪرڻ جي سخت حڪمن ڪان پوءِ سڪرنڊ پوليس جي منشيات ڪپائيندڙن خلاف وٺ پڪڙ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

لنواري شريف جي رهواسڻ ٽن ٻارڙن جي ماءُ جي 7 مهينا قيد ۽ مبينه تشدد ۾ فوت ٿيڻ جو انڪشاف

35 ورهين جي آنا انڙ کي پنهنجي پاءُ پاران ست مهينا قيد ڪري مبينا بدترين تشدد ڪرڻ سبب فوت ٿيڻ جو انڪشاف ڪيو ويو

آنا انڙ مبينا طور تي گهريلو پريشانين جي ڪري 7 مهينا اڳ مڙس جي گهران نڪري حيدرآباد ۾ پاءُ صدام وٽ اچي پناهه ورتي هئي

لاش خاموشي سان دفن، هڪ هفتي جي خاموشي کانپوءِ آنا انڙ جي زخمي ۽ بي حال حالت ۾ به وڊيو بيان سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويا

بدين (رپورٽر: مرتضيٰ ميمڻ) لنواري شريف جي رهواسي ٽن ٻارڙن جي ماءُ 35 ورهين جي آنا انڙ ڏيءُ غلام مصطفٰ انڙ کي پنهنجي پاءُ طرفان ست مهينا قيد ڪري بدترين تشدد ڪرڻ سبب فوت ٿيڻ جو انڪشاف تفصيل موجب لنواري شريف جي رهواسي آنا انڙ جي شادي بدي عيوض دادو جي علائقي سيتا جي ڳوٺ چيچڙ انڙ جي رهواسي رفيق انڙ سان تقريبن 17 سال اڳ ڪرائي ويئي هئي بدي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سڪرنڊ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل مارڪيٽ ۾ اچڻ باوجود باردانو نه ملي سگهيو

سرڪار آبادگارن کي سرڪاري باردانو ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي پر ننڍن آبادگارن کي روزانو ٿلها آسرا ڏئي روانو ڪيو ٿو وڃي : متاثر

بااثر واپارين جي هڪ هٿي قائم هڻڻ ڪري واپاري هترادو اگهه طئي ڪري ڪڻڪ خريد ڪري رهيا آهن، ڪيراسان جي ٻڌڻ وارو ناهي

بااثر زميندارن ۽ سرندي وارن کي ڪڻڪ فصل مناسب اگهه ۽ سرڪاري باردانو ملڻ سلسلو جاري آهي

سڪرنڊ (رپورٽر راج ڪماراوڏ) سڪرنڊ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ڪڻڪ بمپر فصل مارڪيٽ پهچڻ باوجود به هتي آبادگارن کي سرڪاري اگهه ۽ باردانو نه ملي سگهيو آهي بااثر واپارين جي هڪ هٽي قائم هڻڻ ڪري واپاري هترادو اگهه طئي ڪري ڪڻڪ خريد ڪري رهيا آهن پئي پاسي سنڌ سرڪار آبادگارن کي سرڪاري باردانو ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي پر ننڍن آبادگارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ملير: بلوچستان ۾ هنگلاج ماتا
جي مندر تي نوراتري ۾ شرڪت
لاءِ قافلا پهتل

ملير(ڊ ـ ر) بلوچستان ۾ هنگلاج ماتا جي مندر تي نوراتري ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي مختلف علائقن مان ڪولهين ،ڀيلن سميت هندو برادري جي ياترين جا پيرين پنڌ قافلا جاري، بدين، ملي، سجاول مان 400 ياترين جو پيادل قافلو 9 ڏينهن پنڌ ڪري مليرجي گهگهر واري علائقي ۾ پهچي ويو، قافلو رات رهي صبح جو اڳين /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 03



سڪرنڊ: ڪڻڪ جو فصل لٿيو پيو وڃي

ڏڙو ۾ عيد ويجهو اچڻ باوجود وڌندڙ بدترين مهانگائي سبب ڪاروباري مرڪز خريدارن کان خالي

مهانگائي سبب واپاري سخت پريشان ٿي ويا ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي عوام جا لاهه ڪڍي ڇڏيا، غريب ۽ پورهيت طبقو پريشان

شهر جي ريشم بازار، شاهي بازار ۽ ٻين ڪاروباري هنڌن تي اڃا تائين ڪو به خريدار نه آيو، بازارون ويراني جو ڏيک ڏيڻ لڳيون

عوام کي عيد تي خصوصي طور سبسڊي ڏئي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ته جيئن عوام عيد جهڙين خوشين ۾ شامل ٿي سگهي : سجاڻ ڏريون

ڏڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ عيد ويجهو اچڻ باوجود وڌندڙ بدترين مهانگائي سبب شهر جي مک ريشم بازار سميت ٻيا ڪاروباري مرڪز خريدارن کان خالي، مهانگائي سبب واپاري سخت پريشان ٿي ويا ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي/بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 04

اسان کي باهه واقعي تي
گهڻو ڏک پهتو آهي :
آصف رضا قائمخاني

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽر) گذريل ٻه ڏينهن اڳ ٽنڊوڪوٽ جي تاريخي شاهي بازار شاپنگ سينٽر ۾ بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان لڳل باهه ۽ دوڪان جي سموري سامان سڙي وڃڻ واري واقعي تي ٽنڊوڪوٽ جي واپاري ايسوسيئيشن جي صدر آصف رضا قائمخاني واپاري اميين خواجه واپاري تيرٿ داس لوهاڻو پيرومل لوهاڻو مڪيش /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 05



ڏرو: مهانگائي سبب عيد ويجهو اچڻ باوجود بازارون خريدارن کان خالي نظر اينديون

خانپور ۾ صحافي صفي الله سيتار کي بدامني، جوا، منشيات جون خبرون هلائڻ تان ڌمڪيون، احتجاج

ٽئين ڏينهن به خانپور پريس ڪلب آڏو خانپور جي صحافين عاصر داير، پريل ابڙو، ياسين عثماني آرائين، صفي الله سيتار ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مظاهرين پاران خانپور مان پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ جوا جا اڏا ،منشيات جا اڏا ختم ڪرايو، خانپور کي امن ڏيو جا نعرا لڳايا ويا

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور پريس ڪلب جي صدر ۽ ٽائيم نيوز پنهنجي اخبار رپورٽر صفي الله سيتار کي بدامني، جوا ، منشيات جون خبرون هلائڻ تان ايس ايڇ او خانپور محمد نواز ڪورائي پاران ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ جي خلاف خانپور جا صحافي سراپا احتجاج بڻيل آهن. پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو، جوا، منشيات ، بدامني ختم ڪرائڻ /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 06

دادو پرسان آبپاشي کاتي جي ملازم تي اٽڪل هٿياربند جو حملو، مزاحمت تي زخمي

پ پ اڳواڻ عاشق حسين پتافي جي ننڍي ڀاءُ محمد خان پتافي تي اٽڪل هٿياربند جو حملو ڪري وڌو

هٿياربندن موٽرسائيڪل ۽ 55 هزار روڪ رقم ڦر ڪئي مزاحمت تي هٿياربندن پسٽل جا بٽ ۽ ڏنڊا هڻي زخمي ڪيو

اسان جي ڪچي واري علائقي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي ۽ ڪو به ماڻهو محفوظ نه آهي، نوٽيس ورتو وڃي : محمد خان پتافي

دادو(ن سنڌيار) دادو ويجهو ڪچي جي علائقي ۾ يونين ڪائونسل پير ترهوجي چيئرمين ۽ پ پ اڳواڻ عاشق حسين پتافي جي ننڍي ڀاءُ مقامي مقامي آبادگار ۽ آبپاشي کاتي جي ملازم ۽ يونين اڳواڻ محمد خان پتافي تي اٽڪل هٿياربند جو حملو جاءِ واردات تي محمد خان پتافي کي 3 موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن روڪي ورتو ۽ هن کان موٽرسائيڪل ۽ 55 هزار روڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو محمد خان ۾ بسپ جي سينٽر تان 4 ڊوائيز هولڊرن سان گڏ 17 ايجنٽ گرفتار

ايف آءِ اي جي اهلڪارن ڇاپو هڻي بسپ سينٽر تان 4 ڊوائيز هولڊرن سان گڏ 17 ايجنٽن کي گرفتار ڪري حيدرآباد روانا ٿي ويا

اهلڪارن ذيشان ڪميونيڪيشن، نور ڪميونيڪيشن جي اين ڪميونيڪيشن، نظير ڪميونيڪيشن سان گڏ 17 ڄڻن کي گرفتار ڪيو

بسپ سينٽر تي ايف آئي اي جي اهلڪارن جي گرفتاري کان رهجي ويل ڊوائيز هولڊرن سينٽر جي تالا بندي ڪري هڙتال ڪري ڇڏي

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد کان آيل ايف آءِ اي جي اهلڪارن ڇاپو هڻي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي سينٽر تان 4 ڊوائيز هولڊرن سان گڏ 17 ايجنٽن کي گرفتار ڪري حيدرآباد روانا ٿي ويا ،خبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سجاول ۾ شهيد
ذوالفقار علي ڀٽو جي
45 هين ورسي

سجاول (ڊ ر) ايشياءِ جي عظيم ليڊر قائد عوام پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 45 هين ورسي پ پ تعلقا شاهبندر آفيس ۾ ملهائي وئي..... جنهن ۾ پ پ تعلقا صدر محمد يوسف جمالي، پ پ تعلقا جنرل سيڪريٽري غلام نبي ٿهيم، پ پ يوٿ ونگ سنڌ اڳواڻ ساگر ميمڻ، پ پ ميشارٽي ونگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



ٽنڊو محمد خان: ڊوائيس هولڊرن جي گرفتاري کانپوءِ سينٽر خالي نظر اچي رهيو آهي

بدين جي اڪرم واهه ۽ ڦليلي ڪئنال ۾ پاڻي جي شديد کوٽ آبادگارن جون مٿيون منجهائي ڇڏيون

اڳاٽي خريف جي فصلن ڦٽين مرچن جي پوکائي ۽ پوکيل فصل سميت انسان چرند پرند جي پيئڻ جي پاڻي جي نه ملڻ سبب لاپ نه ملي سگهندو

غير قانوني لکين ايڪڙن زمين کي پاڻي چوري ڪري ڏنو ويو آهي هيستائين خريف جي فصل سارين جا ٻيجارا به پوکي چڪا آهيون : اڳواڻ

بدين واسين لاءِ سلو پوائزن آهي ۽ هي پاڻي واپرائڻ سان بيمارين ۾ به اضافو ٿي رهيو آهي، پاڻي جي کوٽ نوٽيس ورتو وڃي

بدين(رپورٽر مرتضي ميمڻ) بدين جي ڏاڪشي علائقي جي لکين ايڪڙ زرعي زمين کي آباد ڪندڙ اڪرم واهه ۽ ڦليلي ڪئنال ۾ پاڻي جي شديد کوٽ آڳاٽي خريف جي فصلن ڦٽين مرچن جي پوکائي ۽ پوکيل فصل سميت انسان چرند پرند جي پيئڻ جي پاڻي جي نه ملڻ ڪري سنڌن جيئندان جو مسئلو بڻيل آهي اڪرم واهه جنهن جي آباگارن کي هر خريف جي فصل جي پوکائي کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحق عورتن کان ڪٽوتي جاري

ڊيوائيز هلائيندڙ هر هڪ عورت کان 500 کان 1000 تائين کلي عام ڪٽوتي ڪرڻ جو انڪشاف

بسپ ايس اوپيز تي به عمل نه ٿيو عورتون روضي جي حالت ۾ به رقم حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان

مستحق عورتن پاران پروگرام چيئرپرسن سميت لاڳاپيل اختيارن کان ڪفالت پروگرام کي شفاف بنائڻ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحق عورتن کان ڪٽوتي جاري ڊيوائيز هلائيندڙ هر هڪ عورت کان 500 کان 1000 تائين کلي عام ڪٽوتي ڪرڻ جو انڪشاف، بسپ ايس اوپيز تي به عمل نه ٿيو عورتون روضي جي حالت ۾ به رقم حاصل ڪرڻ لاءِ اس ۾ ويهڻ تي مجبور ڪيترائي ڪلاڪ قطار ۾ واري جو انتظار ڪرڻ ڊيوائيز مافيا مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ميرپور ماٿيلو ۾ عظيم ليڊر ۽ قائد
عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو
جي 45 هين ورسي، ڀيٽا پيش

ميرپور ماٿيلو(رپورٽ ظهير وسير) عظيم ليڊر ۽ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي45 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس خراج تحسين پيش، ايشيا جي هڪ عظيم ليڊر، عظيم سياستدان ۽ هڪ سچي مسلم قوم جي خير خواهه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي آهي، اجوڪي تاريخ تي ان وقت جي آمرجنرل ضياءُ الحق هڪ /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 12



سکر: بينظير انڪم سپورٽ جي وظيفي مان ڪٽوتي خلاف عورتون ڏانهينديون

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 05 اپريل 2024ع

هو سر لاءِ سوديبازي ڪرڻ سکيو ئي ڪو نه هو!

اڄوڪو ڏينهن ملڪي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي. ان ڏينهن تي 45 سال اڳ ملڪ ۾ جمهوريت جو سج گرهجي ويو ۽ جنرل ضياءَ ظلمت جيئن ڇانئجي ويو. جنرل ضياءَ 1977ع ۾ چونڊيل وزيراعظم جو تختو اونڌو ڪيو ۽ 11 سالن تائين ڏيجاريندڙ خواب بڻيل رهيو. ايشيا جي ماڊل ڊڪيٽر ضياءَ "هڏيءَ جي هيراڪ" جڏهن ذريعي 1979ع ۾ چونڊيل وزيراعظم جو عدالتي قتل ڪرايو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اڄ به جمهوريت جي آڪاش جو جرڪندڙ ستارو آهي ۽ جنرل ضياءَ تاريخ جي ڪباڙخاني ۾ ملامت جي دز سان ڍڪيل هڪ نفرت جوڳو ڪردار! آمر ضياءَ هن ملڪ جي زمين ۾ جيڪي بنياد پرستيءَ جون بارودي سرنگون دفن ڪيون، اهي هاڻي تباهي پکيڙينديون رهن ٿيون ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جيڪو سرفروشي جو سبق ڏنو، جيڪو جمهوريت جو شعور ڏنو، اهو ان جوئي اثر آهي، جو دار جو منظر ويران نٿو ٿئي. سورهيه سوري سينگاريندا رهن ٿا. 60ع واري ڏهاڪي تائين سياست محلاتن جي ڪنيز ۽ ٻانهي بڻيل هئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ان ڪنيز کي محلن مان ڪڍي جهوپڙين جي راڻي بڻايو ۽ عوام کي طاقت جو سرچشمو قرار ڏنو ان ئي عوام جي ووٽ جي طاقت سان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار جي مسند تي پهتو. هن ملڪ کي متفقه آئين ڏنو. عوامي انداز جي سياست جي ڪري هو اڄ به عوام جي دلين ۾ زنده آهي. عوام ۽ جمهوريت تي جڏهن به ڏکيو وقت آيو آهي ته ان ئي ڪٽنب جي ڪنهن ڀاتيءَ پنهنجي سِر جي قرباني ڏني آهي ۽ ٻيو انهن به جمهوريت کي پنهنجا سِر پيش ڪيا. جن عوامي سياست جي حقيقي مڏ جو ڇڪو ڇڪيو هو، جن جون قبرون اڄ به "مين پيتو هون" وارن ڪتبن سان گڙهيءَ جي مدفن کي وسيع ڪنديون رهن ٿيون. اهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي طرفان عوام کي ڏنل ساڃهه جي ان سٽيءَ جو اثر آهي، جو عوام هر آمر جي مزاحمت ڪندو اچي. شهيد ڀٽي جو سياسي اثاثو ان جي پارٽي، ان جو نظريو ۽ ان جو مشن آهي. ان اثاثي جي حفاظت سان ئي ڀٽو زنده رهڻو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي آمرن سان مهاڏو اٽڪايو. ان عوام جي طاقت تي ويساهه ڪيو ۽ ڪنهن به آمر جي آڏ نه مڃي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي مرڻ به باوقار طريقي سان قبول ڪيو. اڄ هو تاريخ ۾ زنده آهي. هو آمر ضياءَ ڪان اين آر او وٺڻ چاهي ها ته زندگي بچي وڃي ها پر هن عظيم انسان اهڙي زندگيءَ بدران موت قبول ڪيو، جنهن زندگيءَ کي شاهه لطيف "جاڙ جيئڻ" چيو آهي. هو سر لاءِ سوديبازي ڪرڻ سکيو ئي ڪو نه هو.

جمهوريت تي سڀ ڪان وڏو خرچ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪٽنب جو آيو آهي. شهيد ڀٽي جي ٻن شهزادن جمهوريت خاطر پنهنجون حياتيون قربان ڪيون ۽ سنڌس نياڻيءَ به انهيءَ راهه تي هلندي شهادت ماڻي. اڄ شهيد ڀٽي جي سياسي اثاثي جي ڪهڙي حالت آهي؟ ان جي سياسي پارٽي مزاحمت جي مهڙ واري مورچي تي آهي يا نه؟ اهي اهڙا سوال آهن، جن جي جواب لاءِ شاعر جي اها سٽ ورجائي سگهجي ٿي ته. "اهو ڇڏ ڪٿي!" شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي پارٽيءَ ۾ مزاحمت ايستائين هئي، جيستائين محترما بينظير ڀٽو زنده هئي. هن وقت پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت ۾ توڙي جو ڪي انتظامي عهدا ناهن قبوليا پر اها اقتدار ۾ ڀائيوار آهي. پيپلز پارٽي کي "طاقت جو سرچشمو عوام آهي" وارو شهيد ڀٽي جو نظريو ڪيتري قدر ياد آهي ۽ ان تي ڪيترو عمل پيو ٿئي. تنهن جو اندازو اليڪشن ڪٽڻ لاءِ ان جو اليڪٽيبلز تي انحصار ڪرڻ مان واضح آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي پارٽي هن وقت مصلحت جي ان ڏهڻ ۾ قاسي پئي آهي، جو اها شهيد ڀٽي جو "آڏي ڊال مَ ڊار" وارو سبق وساري ويٺي آهي. اها ڳالهه تازي سينيٽ اليڪشن مان پڻ واضح آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت جي ڏهاڙي تي اسان کيس عقيدت مان سلام پيش ڪريون ٿا، جنهن آخري گهڙيءَ تائين طاغوتي قوتن آڏو سر نه جهڪايو. هو سر بچائڻ چاهي ها ته هزارين صورتون نڪري پئي سگهيون. پر هن موت جهڙي زندگيءَ بدران تاريخ ۾ زنده رهڻ ٿي چاهيو. هو جمهوريت جو شهيد آهي. اڄ هن کي ڀيٽا لاءِ ٻن لڙڪن جو قرض ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي.

حقيقي عبادت جو مفهوم سمجهڻ جي ضرورت

اعجاز ممنائي

عبادت عاجزي ۽ تعظيم جي آخر حد جو نالو آهي الله تعاليٰ پنهنجي لاريب ڪتاب ۾ واضح حڪم فرمايو آهي ته "مون جنن ۽ انسانن کي عبادت لاءِ خلق ڪيو آهي" ان حڪم جي روشنيءَ ۾ عبادت جو حقيقي مفهوم سمجهڻ جي ضرورت آهي ته آخر عبادت آهي ڇا؟ ڪي چون ٿا نماز عبادت ، ڪي چون ٿا روزو عبادت، ڪي چون ٿا حج عبادت، ڪي چون ٿا قرآن پڙهڻ عبادت، ڪي چون ٿا انسانذات جي خدمت ڪرڻ عبادت، ڪي چون ٿا صله رحمي عبادت، ڪي چون ٿا والدين جو احترام ڪرڻ عبادت، ڪي چون ٿا علم پرائڻ عبادت، ڪي چون ٿا گناهن ۽ برائين کان بچڻ عبادت، ڪي چون ٿا زڪوات صدقات ڏيڻ عبادت، ڪي چون ٿا مال ۽ جان جي قرباني ڏيڻ عبادت وغيره يعني شريعت جا سمورا احڪام بجا آڻڻ عبادت ۾ شامل آهن پر شاهه ڀٽائي هڪ ئي سٽ ۾ عبادت جو سمورو فلسفو بيان ڪري ڇڏيو

روزو ۽ نماز ايءَ پڻ وڏو ڪم
اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

قرآن مجيد ۾ الله سائينءَ جي عبادت ڪرڻ جي تصور کي ڇٽو ڪندي ڪنهن هڪ جاءِ تي محدود نه ٿو ڪري بلڪ فرمائي ٿو "وَهُوَ مَعَكُمْ أَيْنَ مَا كُنتُمْ" "هو توهان سان آهي جتي توهان آهيو" ان مان واضح آهي ته جيئن خدا محدود نه آهي تيئن عبادت به محدود نه آهي ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته خدا جي فرمانبرداري ڪرڻ عبادت آهي.

عبادت جو مفهوم تمام وسيع آهي، حضور اڪرم هر عبادت کي پنهنجي اکين جي ٿڌاڻ قرار ڏنو آهي. عبادت جو مفهوم فقط نماز تائين محدود نه آهي. عبادت جو مفهوم تمام وسعت وارو آهي. تمام زندگي الله پاڪ جي رضا ۾ گذاري ڇڏڻ. الله پاڪ جي مرضيءَ ۾ زندگي گذاري ڇڏڻ ئي عبادت آهي.

اهو جوان جنهن جي زندگيءَ جا حسين ايام، جنهن جي زندگيءَ جا خوبصورت لمحا، جڏهن ته خواهشن جو هجوم هو، جڏهن ته تمنائون پنهنجي عروج تي هيون. پر هن سڀ ڪجهه پنهنجي رب لاءِ قربان ڪري ڇڏيو عبادت جو جيڪو سرور، عبادت جي جيڪا لذت جوانيءَ ۾ نصيب ٿيندي آهي. اها زندگي جي ڪنهن ٻئي ايام ۾ نصيب ناهي ٿيندي. ان لاءِ نبي پاڪ ارشاد فرمايو: "اهو جوان جنهن جي جواني الله پاڪ جي عبادت ۾ گذري، جڏهن قيامت جي ڏينهن ڪائي ڇانو نه هوندي، الله پاڪ ان جوان کي پنهنجي عرش جو ٿڌو سايو نصيب عطا فرمائيندو "حديث مبارڪ جو مفهوم آهي ته دعا عبادت جو مغز ۽ روح آهي

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرِ وائي جو جي لَهين،
هيا اڳهين گڏ، پڌڻ ۾ به ٿيا.

شاهه لطيف هن بيت ذريعي عالمي سطح تي هڪ لافاني پيغام ڏيڻ چاهي ٿو، ته هن دنيا جي ابتدا ڪان وٺي هن وقت تائين ڪيترائي فلسفا گونجن ٿا. مذهب ۽ فرقه پنهنجو وجود برقرار رکيون پيا اچن. هي سڀ مذهب، فلسفا ۽ فرقه آتم ۽ اعليٰ آهن. ۽ انهن سڀني الهامي عقيدن جو پيغام حق تي مبني آهي. اگر جيڪڏهن انهن سڀني نظرين جو باريڪ بيني ۽ گهرائي سان مطالعو ڪيو وڃي، ته انهن سڀني نظرين جو مقصد خدا جي عبادت ۽ بندگي آهي. بس فرق اهو آهي ته سڀني انسانن جو عبادت ڪرڻ جو طور طريقو تبديل ۽ جدا آهي. الڳ الڳ طور طريقن کي اپنائڻ ڪري انسانن هڪ ٻئي جي مذهبن ۽ فرقن کي ڪمتر ۽ بدتر پيا سمجهن. حالانڪ حقيقت اها آهي ته حقيقي پيغام مذهبن ۽ فرقن جو خدا جي بندگي ٿي آهي. دنيا ۾ ماڻهو هميشه اهي معتبر عزت احترام ادب خلوص چاهت ۽ دلين ۾ جايون ڪندڙ هوندا آهن. جيڪي ٻين جي درد ۽ ضرورتن کي پنهنجو اثاثو سمجهندا آهن. اصل ۾ اها ئي عبادت آهي جيڪا ماڻهو کي نياز نوڙت محبت ۽ سڪون اطمينان واري خزانا سان مالا مال ڪري ٿي. وڏائي تڪبر غرور فقط منهنجي الله کي جڳائي اوهان ڪنهن جي راهه جا ڪنڊا نه ٿيو جڏهن انسانن جي ڏکن جا اوهان وارث ٿيندؤ ته پوءِ هڪ حقيقي وارث اوهان جو به آهي جيڪو اوهان کي اتي ساٿ ڏيندو جتي توهان کي سڀ ڇڏي ويندا اهڙو ئي هڪ قصو اوهان جي نظر ڪريان ٿو

هڪ عابد "خدا جي زيارت" لاءِ 40 ڏينهن جو چلو ڪڍيو. ڏينهن جو روزو رکندو رات جو جاڳي عبادت ڪندو هو. ان چلي جي ڪري هو خدا جي مخلوق کان پري رهي سجو وقت الله جي راضپي لاءِ ڏيڻ لڳو. 36 هين رات ان عابد هڪ آواز ٻڌو ته شام جو 6 بجي، ٽامي جي بازار ۾ فلاڻي دڪان تي وڃي خدا جي زيارت ڪر

عابد شام جو ٽامي جي بازار ۾ ويو ۽ ان دڪان واري کي ڳولڻ لڳو "بازار ۾ ان هڪ پوڙهي عورت ڏٺي جيڪا ٽامي جو ديڳڙو ڪڻي هر دڪان تي وڃي قيمت چڪائي رهي هي"

دڪان وارا ديڳڙو توري ان جي قيمت "4 ريال ڏئي رهيا هئا جڏهن ته عورت چيو 6 ريال ڏيو ته ڏيندس پر ايترا ريال ڏيڻ لاءِ ڪو تيار نه هو"_ آخر هڪ وڏي دڪان تي چڙهي عورت چيو : "آسون هي ديڳڙو وڪڻڻ ٿي چاهيان ڇا مهرباني ڪري تون هن جا 6 ريال ڏيندين؟"

دڪان واري چيو : "6 ريال ڇو؟"

پوڙهي عورت چيو: "منهنجو پٽ بيمار آهي ڊاڪٽر نسخو لکي ڏنو آهي ان دوا جي قيمت 6 ريال آهي"

دڪان واري نسخو هٿ ۾ ڪڻي ڏٺو ۽ چيو ديڳڙو ڏيکار!!

دڪان واري ديڳڙو هٿ ۾ ڪڻي جانچي چيو "امان هي ديڳڙو ته عمده ۽ قمت آهي آسون توکي هن جا 25 ريال ڏيندس!!"

پوڙهي عورت حيران ٿي چيو "تون مون سان چرچو ٿو ڪرين ڇا؟ مان سڄي بازار رلي آهيان ڪير ان جا 6 ريال به نه ٿو ڏئي؟"

دڪان واري چيو سڄائپ واري نظر جنهن وٽ هوندي اهو قيمت صحيح ڏيندو ائين چئي دڪاندار 25 ريال ان عورت جي هٿ تي رکيا پوڙهي عورت پيسا وٺي دعاون ڏيندي اتان رواني ٿي وئي

عابد دڪان واري کي چيو: "چاچا، سڄي بازار ۾ دڪان وارن عورت کي 4 ريال ڪان مٿي نه ٿي ڏنا توکي ڪاروبار ڪرڻ نٿو اچي ڇا جو تو ايتري قيمت ڏني؟ "

دڪان واري چيو "مون عورت کان نسخو وٺي ڏٺو ته ٻن ڏينهن جي دوا 6 ريال جي هئي جڏهن ته پورو ڪورس هفتي جو هو ٻين ڏينهن جي دوا وٺڻ لاءِ وري عورت پيا گهر جا ٿانو وڪڻي هان سو مون ان کان ديڳڙو نه پر هڪ هفتي جي نسخي ۽ ان جي پٽ جي سنڀال جا پيسا ڏنا"

عابد اتان ٻاهر نڪتو پنهنجي ٺڪاڻي تي آيو ته غيب مان آواز ٻڌڻ آيس "چلو ڪيڏي ڪندء ۾ ويهي عبادت ڪرڻ سان ڪير منهنجي زيارت جو شرف حاصل نٿو ڪري سگهي ڪريلن کي سهارو ڏيو، غريب جي مدد ڪيو ، آئون خود توهان وٽ ايندس" الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق کي عبادت جو حڪم فرمائي ٿو ۽ اهوئي عبادت جي توفيق عطا فرمائي عبادت قبول ڪري ٿو ۽ پنهنجي بندن جي عبادت کي ضايع نه ٿو ڪري بلڪه عبادت ڪندڙ کي پنهنجو دوست قرار ڏئي ٿو ۽ ان عابد جي دشمن کي ناڪامي، هلاڪت ۽ زوال طرف ڌڪي ڇڏي ٿو اسانکي "عبادت" جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ جي ضرورت آهي ڇو ته عبادت خالص رب جي لاءِ آهي جيڪي ڏيکاءَ لاءِ عبادت ڪن ٿا انهن کي انهن جون ڪيل عبادتون منهن تي واپس هنيون وڃن ٿيون قرآن مجيد ۾ آهي ته "فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ" (هود 123) ترجمو (اي محبوب نبي) الله تعاليٰ جي "عبادت" ڪريو ۽ ان تي "توڪل" (يعني اعتماد ۽ ڀروسو) ڪريو "عبادت" عربي لغت ۾ عاجزي اختيار ڪرڻ کي چئبو آهي يعني ڪنهن ٻئي جي سامهون ان جي وڏائي ۽ عظمت جي اعتراف ۾ پاڻ کي جهڪائڻ، ڪيرائڻ، نئڻو پيش ڪرڻ ۽ تذلل اختيار ڪرڻ.اسلامي شريعت ۾ عبادت جو مطلب آهي الله ۽ ان جي رسول ۽ اولي الامر جي اطاعت ڪرڻ توحد کي مڃڻ ۽ ان جي احڪامات کي پورو ڪرڻ عبادت ناليو آهي انهن تمام اقوال ۽ اعمال جو جيڪي الله تعاليٰ کي پسند آهن ۽ انهن تي الله تعاليٰ راضي ٿئي ٿو دعا آهي ته الله رب العزت اسانکي پنهنجي حقيقي ۽ خالص عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي (آمين يا رب العالمين)

پاپوهي هيڪارَ، مون کان پڇيو سَڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُم، چَيائُون جنهن وارَ:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نه لهي.

بهري باز جهرڪين 'هٽان' جهپجي ويو!

امر رائيسنگهه راجپوت

اڄوڪي ڏينهن تي پاوبهه ڪروڙ عوام جي اميدن جو ڏيئو اجهاڻو هو هر طرف اونداهي ڇانئجي ويئي هئي چوڌ ڦنڪيءَ جو ڀيءَ پنڊيءَ جي پاور فل ماڻهن هٽان مارجي ويو هو ان ڏينهن لاڙڪاڻي ڪان وٺي لاهور تائين هر ماڻهوءَ جي اک آلي هئي. هر ماڻهوءَ کي هن سياسي ناحق قتل تي نه رڳو افسوس هو پر ڪاوڙ به هئي. اڄوڪي ڏينهن تي اهو مور مارائو هو جنهن جي موهن ڏسي دنيا سرهي ٿيندي هئي. جنهن جي اُٿڻ، ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جي انداز جي سموري دنيا ديواني هئي. جنهن جي هڪڙي ساحرانه جهلڪ پسي ستن ڏينهن جي بکايلن جي بک ختم ٿي ويندي هئي ۽ ان پهرن جا اُجايل هن جي اکين جي تلاش مان اميدن جون تڪون ڏيندا هئا. ماڻهو هن جي چهري مان پڙ ڪندا هئا ڇو ته اهو ماڻهن جي دلين جو ديوتا هو هن جاتو ٿي ته پورهيت عوام جي ڏکن جو درمان ڪئين ڪجي؟ ڪيئن جنتا جي جيءَ ۾ جاءِ جوڙجي؟ هو پاڪستان جو واحد سياسي اڳواڻ هو جنهن عوام کي طاقت جو اصل سرچشمو ڪري مڃيو هو هارين جي حقن لاءِ لڙيو هو ته نارين سان به نياءُ ڪيائين. هو اقليتن جي اميدن جو سج هو ته اڪثريت جو به وڏو خيال رکندڙ عظيم اڳواڻ هو هن مزدور يونين بحال ڪري انهن جي مسئلن جو حل ڪڍيو اڄوڪي اياڳي ڏينهن تي اهو شينهن گيدي گدڙن هٽان مارائو هو جنهن جي گرجدار آواز تي اقوام متحده جي ايوان ٻجون گگن پيدي ديوارون ڏڪي ۽ لڏي وينديون هيون. 4 اپريل 1979ع جي اياڳي اسر ويل اهو باز جهرڪين هٽان جهپجي ويو هو جنهن جي اڄ ڇين اڏارن جر آواز ٻڌي دنيا دنگ رهجي ويندي هئي. هو عوام جي دلين جي ترجماني ڪرڻ وارو دلير رهنما هو هن پاڪستان پيپلز پارٽي ناهي عوام کي اُٿي، لٽي ۽ اُجهي جو نه رڳو نعرو ڏنو پر اُٿو لٽو ۽ اُجهو مهيا به ڪري ڏنو هو عوام جي اهڃن کي پنهنجا اهنج سمجهندو هو هن جي سياسي تاريخ جيڏي تابناڪ هئي، ايڏي ئي ڪرناڪ به هئي. هن جتي جيل سَٺا، اُتي ڦاسيءَ تي جهولي ويو هن عوام جي مفادن تي ڪوبه سمجهوتو ڪرڻ نٿي چاهيو هن چاهيو ٿي ته منهنجو ملڪ دنيا ۾ اوچو ڳاٽ ڪٺي جيئي. هن چاهيو ٿي ته منهنجي عوام جو عزتِ نفس ڪڏهن به مجروح نه ٿئي. هن جو خواب هو ته اسين آئي ايم ايف کان ڪا به خيرات نه گهرون. هن ڪوشش ڪيون ته اسان جو ملڪ پنهنجن پيرن تي بيهي ۽ دنيا ۾ عزت ۽ آبرو جي نگاهه سان ڏٺو وڃي. ان ڪري هن ڪڏهن آڻ نه مڃي. هن غلاميءَ کي گار سمجهي پنهنجي آن بان ۽ شان خاطر ڦاهيءَ جي ڦندي کي مرڪي قبول ڪيو هو اڄ به عوام جي دلين ۾ زنده جاويد آهي.

5 جنوري 1928ع تي گڙهي خدا بخش جي گڙنگ سياستدان سر شاهنواز ڀٽو جي گهر ۾ جنم وٺندڙ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي دلين تي راڄ ڪندڙ راڻو هو هو نه رڳو برصغير جو بردبار اڳواڻ هو پر سموري دنيا جو عظيم ليڊر هيو جنهن مسلم دنيا جي اڳواڻن کي گڏ ڪري اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪرائي مغرب جي منهن ۾ سروجهي ڇڏيا هئا. اُن اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ 32 اسلامي ملڪن جو سربراهه چونڊيو ويو هو هن پاڪستان کي خوشحالي طرف گامزن ڪرڻ جي لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري وڏي جدوجهد ڪندي پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪڙو مثال قائم ڪري ڇڏيو هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي اڻٿڪ ڪوششون ورتيون. هن ملڪ ۾ روزگار جا تمام گهڻا موقعا پيدا ڪيا. هن پاڪستان کي دنيا جي ملڪن سان ڳنڍڻ جي لاءِ قاسم پورٽ ۽ اسٽيل مل جهڙا ميگا پراجيڪٽ قائم ڪرايا. هن زراعت ۾ تمام وڏو انقلاب آندو هن 5 مرلا جهڙيون عوام دوست اسڪيمون آڻي غريبن جي خوب مدد ڪئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي هلائڻ لاءِ 1973ع جو آئين ڏنو پنهنجن شاندار پرڏيهي پاليسين ذريعي ذوالفقار علي ڀٽو ٻاهرين ملڪن سان دوستانا ناتا قائم ڪيا، پاڪستان ۽ چين جي دوستيءَ جو بنياد به شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وڌو. قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا، لاس اينجلس ۾ 1947ع کان 1949ع تائين زير تعليم رهيو هن يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا، بارڪلي مان 1950ع ۾ بي اي جي ڊگري ورتي ۽ يونيورسٽي آف آڪسفورڊ، برطانيا مان ايم اي جي ڊگري 1953ع ۾ حاصل ڪري ورتي. ساڳي سال هن لنڪنز ان، لندن مان بار ايٽ لا ڪيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو تمام گهڻ پڙهيو ۽ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ نظريو هو جيڪو قيامت تائين عوام جي دلين ۾ زنده جاويد رهندو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جون ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. هن ملڪ کي ائٽمي پروگرام ڏيئي سدا لاءِ تحفظ فراهم ڪيو اڄ دنيا جي ڪابه طاقت پاڪستان ڏانهن ميري اک ڪڻي ڏسڻ جي جرئت نٿي ڪري سگهي اهو سمورو ڪريڊٽ ملڪ جي پهرين چونڊيل وزيراعظم ڏانهن وڃي ٿو پر افسوس اهو آهي جو ملڪ دشمن عناصرن ڪان اهڙو هيرو برداشت نه ٿيو اڄ جيڪڏهن ڀٽو زنده هجي ها ته پاڪستان دنيا ۾ شايد سپر پاور هجي ها ڇو ته هن جيڪو اسلامي بلاڪ ناهي جيڪي ڪوششون ورتيون پئي ان حساب سان پاڪستان جي ترقي کي ڪير به روڪي نه پئي سگهيو ڀٽي جو اهو قدم آمريڪا جي اک ۾ ڪنڊانگي ڪُنڪي پيو هو قائد عوام جي موت جو اصل ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو بهرحال جيئن به هجي ملڪ هڪڙي عظيم ليڊر کان محروم ٿي ويو

بقايا 01

شريف اڄ ڪابينا اجلاس ۾ مثبت معاشي انگن اکرن تي تفصيلي روشني وجهي. وفاقي وزير چيو ته اسان جي گذريل 16 مهينن جي حڪومت ۾ معيشت جي استحڪام جو بنياد رکيو ويو. ملڪ کي ڊيفالٽ کان بچايو ويو. وزيراعظم شهباز شريف جي ڪوششن سان آءِ ايم ايف سان ڳالهيون ٿيون ۽ انهن ڳالهين جي نتيجي ۾ اسٽينڊ باءِ ايگريمينٽ ٿيو جنهن جا ثمراچ ريٽي جي قدر ۾ استحڪام ۽ ايڪسچينج ريٽ ۾ بهتري جي صورت ۾ ڏسي سگهجن ٿا. هن چيو ته گذريل 16 مهينن دوران اسان جي برآمد ڪندڙن کي تمام گهڻيون مشڪلاتون درپيش هيون. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته معيشت جي حوالي سان اسان ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏنو. هاڻي معيشت ۾ بهتري اچي رهي آهي. هن چيو ته جڏهن به معيشت ۾ استحڪام جون خبرون آيون. اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ نمايان تيزي ڏٺي وئي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته بلومبرگ هڪ سٺي سهرت رکندڙ عالمي مالياتي رسالو آهي جنهن پاڪستان ۾ مهانگائي جي شرح گهٽ ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي. وفاقي وزير چيو ته پي آءِ اي جي نجڪاري جي حوالي سان ميڊيا عوام کي سمورين حقيقتن کان آگاهه ڪيو جنهن تي ان جا ٿورائتا آهيون. هن چيو ته پي آءِ اي جو ساليانو خسارو 80 ارب رپيا آهي جيڪو غريب عوام کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. هن چيو ته پي آءِ اي جو خسارو قومي خزاني تي بار آهي، پي آءِ اي جي نجڪاري سان اسان کي روينيو پڻ حاصل ٿيندو ۽ ان جي خساري جو بار سرڪاري خزاني تان ختم ٿيندو. هن چيو ته منهنجي سڌائين ڪان اها گذارش رهي آهي ته اسان معاشي استحڪام جي لاءِ سياسي استحڪام طرف وڃون. هن چيو ته اڄ ڪابينا جي اجلاس ۾ معيشت جي حوالي سان پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته آءِ ايم ايف بورڊ جي منظوري ڪانپوءِ ٻهرين اڏائيگي هن مهيني مڪمل ٿي ويندي. هن چيو ته مثبت انگ اکر ۽ رجحانن کي اڳتي ڪئي هلنداسين ته واڌويجهه جي شرح ۾ اضافو ٿيندو. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي ذاتي ڪوششن سان ايف بي آر جي ڊيجيٽلائيزيشن ٿي رهي آهي. هن چيو ته ملڪ آهي ته سياست آهي، ملڪ آهي ته سياستدان آهن ان لاءِ اسان کي معيشت کي سياست جي ور نه چاڙهڻ گهرجي. هن چيو ته معاشي استحڪام جي لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. وفاقي وزير چيو ته ڪيترائي پيرا اهڙيون اچي وڃن ٿيون جن سان معيشت تي منفي اثر پوي ٿو ميڊيا کي درخواست آهي ته اهڙين خبرن جي تصديق ضرور ڪري. اطلاعات واري وزارت جا دروازا انهن جي لاءِ سڌائين کليل آهن. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم پاڪ چين دوستي کي تمام گهڻي اهميت ڏي ٿو هن بشام واقعي ڪانپوءِ داسو وڃي چيني انجنيئرز سان ملاقات ڪئي ۽ انهن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته معيشت جي بهتري ۽ قومي مفاد جي لاءِ پوري قوم گڏ آهي. هن چيو ته اسان کي اميد رکڻ گهرجي. اميد سان ڪيترائي مسئلا حل ٿي وڃن ٿا. اميد جو ناليو ٿي شهباز شريف آهي جنهن ماضي ۾ به ڊيليور ڪيو آهي. شهباز شريف نواز شريف جي قيادت ۾ ساڍا 12 سالن جي اندر پنجاب جو نقشو بدلايو. وزيراعظم ملڪ جي بهتري لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي. مريم نواز پنجاب ۾ بهترين انداز ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اسان کي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ وڌيڪ حڪمت عملي جوڙڻي پوندي. هن چيو ته اڄ هڪ پارٽي گرينڊ الائنس جو اعلان ڪيو آهي. ان الائنس ۾ باقي ڪهڙيون پارٽيون شامل آهن، انهن جا نالا ناهن ٻڌايا ويا. وفاقي وزير چيو ته بشريٰ بي بي جي معالج اڄ بشريٰ بي بي جي صحت کي اطمينان جوڳو قرار ڏنو آهي جيڪا خوش آئند آهي. وفاقي وزير چيو ته نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ تمام جلد حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو. هن چيو ته ملڪ سياسي استحڪام طرف وڌي رهيو آهي. ان سان گڏوگڏ معاشي استحڪام پڻ ايندو. هن چيو ته انشاء الله وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ ملڪ جا سمورا مسئلا حل ڪنداسين. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسپورٽس بابويز جا مسئلا حل ڪنداسين. پاڪستان هاڪي فيڊريشن جي حوالي سان ڪميٽي جوڙي پئي وڃي. پاڪ ايران گئس پائيپ لائين منصوبي جي حوالي سان هن چيو ته اڄ ڪابينا جي اجلاس ۾ ان بابت ڪا ڳالهه ٻولهه نه ٿي. آءِ پي پي جي حوالي سان هڪ سوال جي جواب ۾ وفاقي وزير چيو ته آءِ پي پي ۾ تازي رونما ٿيندڙ واقعي جي جاچ جي لاءِ ڪميٽي جوڙي آهي. اطلاعات واري وزارت جا سينئر آفيسر ان واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهن. وفاقي وزير چيو ته انڪوائري ڪميٽي جي سفارشن تي عمل ڪيو ويندو. ميڊيا ورڪرز ۽ رپورٽرز جي مسئلن بابت اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته هو سياڻي ڪراچي جو دورو ڪري رهيو آهي جتي هو پي بي اي ۽ اي پي اين ايس جي ميمبرن سان ملاقاتون ڪندو ۽ رپورٽرز ۽ ميڊيا ورڪرز جا مسئلا عيد کان اڳ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ان حوالي سان سياڻي باضابطا پريس ريليز ڪراچي مان جاري ٿيندي. والٽن ايئرپورٽ جي معاهدي بابت سوال تي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته والٽن ايئرپورٽ جي حوالي سان معاهدو عمران خان جي دور ۾ ٿيو هو اتي رستا ٺهي چڪا آهن. ترقياتي ڪم به ٿي چڪو آهي. عمران خان پڳڙن جي مٺ تي ان زمين جو معاهدو ٽوڙي ڪيو اسان ملڪ ۾ سيڙپڪارن جي اعتماد کي نقصان پهچائڻ نٿا چاهيون. اسان ان معاهدي کي ڏسي رهيا آهيون ته ان ۾ ڪهڙي شيءِ آهي جنهن کي ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 02

الرحمان جي پنهنجي پارٽي جي لاءِ سياسي خدمتن کي سراهيو وزيراعظم چيو ته اميد آهي ته سنڌس قيادت ۾ جماعت اسلامي جمهوريت جي بقاءِ ۽ عوامي ڀلائي جي لاءِ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪندي.

بقايا 03

اسٽينڊ بائي معاهدي جي 1.1 ارب ڊالر جي آخري قسط ملي ويندي، معاشي استحڪام جي لاءِ آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو پروگرام ضروري آهي. ايف بي آر جي ڊيجيٽائيزيشن جي لاءِ ڪنسلٽنٽس هلندڙ مهيني مقرر ڪيا ويندا. پي آءِ اي جي نجڪاري شيڊيول موجب ٿيندي، چيني انجنيئرز ۽ ڪارڪنن جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻايو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڪيو. وزيراعظم چيو ته وفاقي ڪابينا جي گذريل اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سان ملاقات جي روشني ۾ انڪوائري ڪميشن جي منظوري ڏني وئي. اڳوڻي چيف جسٽس تصدق جيلاني جي مشاورت ۽ رضامندي سان ان انڪوائري ڪميشن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو پر بعد ۾ جسٽس تصدق حسين جيلاني ذميواري ادا ڪرڻ کان معذرت ڪري ورتي جنهن ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ ان معاملي جو پاڻمرادو نوٽيس ورتو ۽ هاڻي اهو اعليٰ عدالت ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. اسان پنهنجي ذميواري پوري ڪري ڇڏي هئي. وزيراعظم چيو ته مشڪوڪ پائوڊر ججز کي موڪلن جو معاملو پڻ سامهون آيو آهي. ان معاملي تي سياست نه ٿيڻ گهرجي ۽ اسان کي پنهنجي پوري ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. اعليٰ عدليه پاڻ ان معاملي جي جاچ ڪري رهي آهي. حڪومت ان معاملي ۾ مڪمل جاچ ڪرائيندي ته جيئن سمورين حقيقتن سامهون اچي سگهن. وزيراعظم چيو ته نائين واري وزارت، پيٽروليم واري وزارت، توانائي واري وزارت، زراعت ۽ آءِ ٽي وارين وزارتن سميت مختلف وزارتن جو تفصيلي اجلاس ٿيو آهي. خصوصي سيڙپڪاري ڪائونسل جو هڪ اهم ڪردار رهيو. ان تفصيلي اجلاس ڪانپوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته هاڻي انهن وزارتن جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو ته جيئن جيڪي انهن کي مشڪلاتون درپيش آهن، انهن کي حل ڪري سگهجي ۽ معيشت پنهنجي پيرن تي بيهي. وزيراعظم چيو ته مهانگائي ۾ ترتيبوار گهٽتائي ٿي رهي آهي، غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري ۾ گهٽتائي جي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. وزيراعظم چيو ته آءِ ايم ايف سان هلندڙ مهيني اسٽينڊ بائي معاهدي جي 1.1 ارب ڊالر جي آخري قسط ملي ويندي. ٽائي وارو وزير پنهنجي ٽيم سان گڏ آمريڪا جو دورو ڪرڻ وڃي رهيو آهي جتي ان جي جون ٽئين پروگرام جي لاءِ آءِ ايم ايف عملدارن سان ملاقاتون ٿينديون. آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو نئون پروگرام ضروري آهي جنهن سان معيشت ۾ استحڪام ايندو ۽ عالمي ادارن جو اعتماد بحال ٿيندو ۽ ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ اسان اعتماد سان ڪم ڪري سگهنداسين. آءِ ايم ايف جون شرطون ايتريون آسان نه هونديون پر اسان جي اها سوچ ۽ منصوبو آهي ته غريب ماڻهو ۽ اڳ ڪان ٽيڪس ڏيندڙن تي بار گهٽ کان گهٽ پوي ۽ اهو بار انهن تي وڌو وڃي جيڪي اهو بار کڻي سگهن ٿا. حڪومت غربت ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ ٺوس قدم کڻي رهي آهي. وزيراعظم چيو ته ايف بي آر جي ڊيجيٽلائيزيشن تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي اميد آهي ته هلندڙ مهيني ئي ڪنسلٽنٽس مقرر ٿي ويندا. وزيراعظم چيو ته انفارميشن ٽيڪنالاجي جي حوالي سان پڻ اجلاس ٿي چڪو آهي. انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ ترقي جي تمام گهڻي گنجائش آهي. آءِ ٽي جي شعبي ۾ ترقي جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙي ويندي. وزيراعظم چيو ته پي آءِ اي جي نجڪاري جي حوالي سان پي آءِ اي سميت خساري ۾ هلندڙ ادارن جي نجڪاري جي حوالي سان جيڪي قدم کنيا ويا آهن انهن تي عملدرآمد ٿيندو، اميد آهي ته پي آءِ اي جي نجڪاري جو جيڪو شيڊيول طئي ڪيو ويو آهي ان تي عملدرآمد ٿيندو ان ڪانسواءِ ايئرپورٽس جي آئوٽ سورسنگ جي حوالي سان فيصلو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ترڪيه جي هڪ ڪمپني جا عملدار 6 تاريخ تي پاڪستان پهچي رهيا آهن. دفاع واري وفاقي وزير خواجه آصف ۽ مون سان انهن جون ملاقاتون ٿينديون. انهن کي پاڪستان ۾ ان حوالي سان موجود صلاحيت ۽ موقعن بابت آگاهه ڪيو ويندو. اسان اهو طئي ڪيو آهي ته غيرملڪي سيڙپڪارن کي هتي گهرايو ويندو ۽ جيڪي نه اچي سگهندا بعد ۾ عيد ڪانپوءِ اسان جي ٽيم انهن سان ملاقاتون ائي وڃي ڪندي. وزيراعظم چيو ته آئوٽ سورسنگ جي حوالي سان رڳو اسلام آباد ايئرپورٽ کي غور هيٺ آندو ويو آهي. لاهور ايئرپورٽ تي سهولتون تمام محدود ٿي ويون آهن ۽ مسافرن کي تمام گهڻي پريشاني ٿئي ٿي. ڪراچي ايئرپورٽ جي حوالي سان پڻ اجلاس طلب ڪيو ويندو ۽ قدمن تي غور ڪيو ويندو. وزيراعظم چيو ته چيني سفير سان گڏ هن داسو جو دورو ڪيو. چيني انجنيئرز ۽ ڪارڪنن سان منهنجي ملاقاتون ٿيون انهن کي تسلي ڏني، چيني وفد جي گهرو وزير ۽ پرڏيهي وزير سان پڻ ملاقات ٿي آهي. مارجي ويلن جا مڙهه ايئرفورس جي جهاز جي ذريعي چين پهچايا ويا. صوبن سان گڏجي چيني انجنيئرز ۽ ڪارڪنن جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻايو ويندو

بقايا 04

خيبر پختونخواهه سان متيپدي سلوڪ ڪيو پيو وڃي، سپريم ڪورٽ ۾ ججن کي فيورٽ ازم جي بنياد تي مقرر ڪيو پيو وڃي. پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس محمد ابراهيم خان، چيف جسٽس سپريم ڪورٽ قاضي فائز عيسيٰ کي لکيل خط ۾ اظهار چيو ته ڪي پي کي سان متيپدي سلوڪ ڪيو پيو وڃي. چيف جسٽس پشاور هاءِ ڪورٽ خط ۾ لکيو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ هن وقت بلوچستان مان 3 ۽ خيبر پختونخواهه مان رڳو 3 جج مقرر آهن. چيف جسٽس پشاور هاءِ ڪورٽ جسٽس ابراهيم خان 13 اپريل تي رٽائر ٿي رهيو آهي. جسٽس ابراهيم خان خط ۾ وڌيڪ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ مقرري لاءِ منهنجا اهڙا تعلقات نه آهن جيڪي اهڙي موقعي تي ڪم ايندا آهن. توقع آهي ته هن خط ڪانپوءِ توهان منهنجي خلاف نه ٿي ويندا. چاڪان ته توهان پاڻ ۾ آواز اٿاريندا رهيا آهيو. جسٽس ابراهيم خان وڌيڪ لکيو آهي ته مان ذڪريل دل سان فيورٽ ازم بابت لکي رهيو آهيان ته جڏهن سپريم ڪورٽ ۾ 4 جايون خالي هيون ته توهان رڳو پنهنجي صوبي بلوچستان مان جسٽس نعيم افغان جي صورت ۾ رڳو هڪ مقرري ڪئي. مان فيصلن کي چئلينج نه ٿو ڪيان پر هن خط ذريعي ان پاسي ڌيان ڏيارڻ چاهيان ٿو، مان اهو پڇڻ چاهيان ٿو ته ڪهڙو سبب هو جو چار جايون خالي هجڻ باوجود رڳو هڪ مقرري ڪئي وئي؟ هن چيو ته مان سمورين هاءِ ڪورٽس ۾ پيو سينيئر موسٽ چيف جسٽس آهيان، مان پاڻ جڊيشل ڪميشن ۽ سپريم جڊيشل ڪائونسل جو ميمبر آهيان. توقع هئي ته گهٽ ۾ گهٽ منهنجو نالو ته غور هيٺ آندو ويندو

بقايا 05

علي ڀٽو جي خدمتن تي کيس خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسيءَ تي سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي ٽوئيٽ ۾ هن چيو ته 4 اپريل 1979ع تي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي هڪ غيرشفاف عدالتي ڪارروائي جي ذريعي ڦاهي جي سزا ٻڌائي وئي هئي. 44 سالن ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ ان تاريخي غلطي جو ازالو ڪيو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جي گهرڀاتين ۽ ڪارڪنن جي لاءِ ان ناقابل تلافي نقصان جو ازالو رڳو گرڙها ۽ نه ختم ٿيندڙ افسوس آهي. هن چيو ته اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ملڪ ۽ قوم جي لاءِ خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪندي ان جي مغفرت ۽ سمورن لاڳاپيلن جي لاءِ صبر جي دعا ڪريون ٿا.

بقايا 06

جي آزادي، خود مختياري ۽ خود داري خلاف ڪريل سازش هئي. ذوالفقار علي ڀٽو جي 45هين شهادت ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو شهيد پنهنجي وطن ۽ عوام سان عشق ڪندو هو، هن جنگ سان تباهه ٿيل ملڪ جي ٻيهر تعمير ڪري ان کي دنيا جي باوقار ملڪن جي صف ۾ شامل ڪيو ۽ پنهنجي ملڪ جي عوام کي سوچڻ جو شعور، ڳالهائڻ لاءِ زبان ۽ فخر سان ڪنڌ ڪڻي جيئڻ جو ڍنگ سيکاريو. هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻائڻ جي جدوجهد ڪري رهيو هو ته ملڪ توانائي، صحت ۽ زرعي طور ترقي يافته بڻجي دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ پهرين نمبر تي بيهي. سنڌس جوڻ هو ته قائد عوام جو عدالتي قتل حقيقت ۾ تيز رفتاري سان ترقي جون منزلون طئي ڪندڙ ملڪ جي پٺي ۾ ڇرو هڻڻ جهڙو هو اها پاڪستان جي آزادي، خود مختياري ۽ خود داري خلاف ڪريل سازش هئي. صدر آصف زرداري چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي نقش قدم تي هلندي اسان بنا ڪنهن خوف ۽ گهبراهٽ جي پاڪستان جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪنداسين، هيءَ ڌرتي اسان لاءِ مقدس آهي. هن ڌرتي کي جنت جهڙو بڻائينداسين

بقايا 07

ڪئي. ملاقات ۾ دهشتگردي تي ضابطو آڻڻ جي لاءِ دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ تعاون ۽ انٽيلي جنس شيئرنگ وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر ۽ چيني سفير ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي صدر چيو ته پاڪستان مختلف منصوبن تي ڪم ڪندڙ پنهنجي چيني ڀائرن جي سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ضروري قدم کڻندو.

بقايا 08

عدليا تي عوام جو اعتماد ناهي رهيو. عدالتي نظام ۾ سڌارن ڏانهن وڌڻو هوندو. جڊيشل ريفارمز لاءِ جدوجهد ڪنداسين. هن چيو حڪومت کي وقت ڏنو ويو ته پاڪستان کي معاشي بحران مان ڪڍيو وڃي. اليڪشن ۾ عوامي معاشي معاهدي جو اعلان ڪيو هو. مراد علي شاهه جلد ترقياتي فنڊن جو اعلان ڪندو. صوبائي سطح تي هاري ڪارڊ متعارف ڪرائينداسين. پ پ چيئرمين وفاقي حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته ميثاق جمهوريت ۾ ڪيل واعدن تي عمل ڪيو وڃي. ان کان اڳ بلاول ڀٽو زرداري گڙهي خدا بخش پهچي پنهنجي ناني ۽ ماءُ سميت ٻين شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀري ۽ گل نڇاور ڪيا.

بقايا 09

پڇاڙي تي ڊالر هڪ پئسو واڌ سان 277 رپين 93 پئسن جو آهي. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 21 پئسا سستو ٿي 279 رپين 77 پئسن جو ٿي ويو آهي.

بقايا 10

بي بي جي معدي ۾ اجان به جلن آهي. 2 مهينا اڳ ڪجهه هو ته اهو مون ته ڏنو هو. بشريٰ بي بي جي طبيعت هاڻ بهتر آهي. جيڪڏهن ماضي ۾ ڪجهه ٿيو ته مان ان جي باري ۾ ڪجهه نٿو چئي سگهان. هن چيو ته هن وقت زهر جا ڪي به اثر نه آهن. بشريٰ بي بي جي طبيعت 100 سيڪڙو صحيح نه آهي. بشريٰ بي بي جون تفصيلي ٽيسٽون ٿيڻ گهرجن. اميد آهي ته جلد ٽيسٽ جي اجازت ملي ويندي.

بقايا 11

جو ٽڪ اين اي 28 صوبائي اسيمبلي جو ٽڪ پي ڪي 74، پي ڪي 75، پي ڪي 79، پي ڪي 101 ۽ پي ڪي 102 شامل آهن. چونڊ نتيجا چيلينج ڪرڻ جي داخل پٽيشن ۾ اليڪشن ڪميشن ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر، ريٽرننگ آفيسر ۽ ڪامياب اميدوارن کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته فارم 45 ۾ ڊي آر اوز ۽ آر اوز ڪري نتيجا تبديل ڪيا. درخواستگذار فارم 45 ۾ ڪامياب ٿيا جڏهن ته فارم 47 مخالف اميدوار کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي. اليڪشن ٽربيونل کان استدعا ڪئي وئي آهي ته فارم 45 موجب نتيجا جوڙيا وڃن. بيلٽ پيپرز جن بيگز ۾ پيل آهن انهن کي حفاظت سان آندو وڃي. ووٽن جي تصديق ڪري نتيجا جوڙيا وڃن. درخواستگذارن موجب اليڪشن ڪميشن ۾ ٻيهر ڳڻپ جي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي پر ان جي درخواستن کي بنا ڪنهن سبب جي رد ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جي ذميواري هئي ته اهو شفاف چونڊن کي يقيني بڻائي. اليڪشن ٽربيونل ۾ اين اي 28 تان اميدوار ساجد نواز پي ڪي 74 تان ارباب جانداد، پي ڪي 75 تان ملڪ شهاب درخواست داخل ڪئي آهي. ان کان علاوه پي ڪي 78 تان ارباب عاصم پي ڪي 101 تان ملڪ عدنان ۽ پي ڪي 102 تان شاهه محمد اليڪشن ٽربيونل ۾ درخواست داخل ڪئي آهي.

بقايا 12

چيو آهي ته پيپر آئوٽ ٿيڻ واري معاملي جي ڪري سمورا پيپر رد ڪري معاملو پوليس ڏانهن موڪليو ويو هو. جنهن جي مڪمل جاچ ڪانپوءِ ثبوتن جي بنياد تحت ملوث عملدارن خلاف ايف آءِ آر به داخل ڪرائي وئي. ايس ايس ٽي جا امتحان ٻيهر وٺڻ بابت شيڊيول 23 اپريل 2024ع کان جاري ڪيو ويندو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي پڌرائي موجب اسڪول ايجوڪيشن ۽ لٽريسي کاتي ۾ ملتوي ڪيل ايس ايس ٽي (بي پي ايس 16) جي امتحان جو شيڊيول 23 اپريل 2024ع کان جاري ڪيو ويندو رٿيل شيڊيول ۾ ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار (بي پي ايس 17)، اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ۾ اي آءِ اوز (بي پي ايس 09) پڻ شامل ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته ايس ايس ٽي (بي پي ايس 16) جو لکت وارو امتحان 15 فيبروري 2024ع تائين جاري رهيو، جنهن ۾ 4 لک اميدوارن جي شرڪت ممڪن هئي. جاڻايل امتحان شيڊيول مطابق 15 فيبروري کان 20 فيبروري تائين جاري رهيو، جڏهن ته 20 فيبروري تي امتحاني پرچي جي سوشل ميڊيا ذريعي ظاهر ٿيڻ واري معاملي سبب اهو سڄو امتحان تڪراري ٿي ويو. ترجمان موجب اهڙي عمل ڪانپوءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي اختيارين شفافيت، ميرٽ ۽ احتساب جي عزم کي برقرار رکڻ لاءِ سيڪنڊري اسڪول ٽيچر (BS_16) (جنرل ۽ سائنس ڪيٽيگري) جا سمورا پيپر اتفاق راءِ سان منسوخ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ڏانهن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي اعليٰ اختياريين جي هدايتن تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن واري ڪنٽرولر عبدالحفيظ لغاري پاران ملوث جوابدارن خلاف ايف آءِ آر تحت ڪارروائي پڻ عمل ۾ آندي وئي آهي.

بقايا 13

خطي ۾ غيرميزائلي حملي تي ان کي جوابده ٿيڻ گهرجي. هفتيوار پريس بريفنگ ۾ ترجمان چيو ته هن هفتي شام جي شهر دمشق ۾ ايراني سفارتخاني جي قونصلر سيڪشن تي غيرميزائلي حملي سان خطي ۾ اسرائيل جي مهم جوئي هڪ نئين سطح تي پهچي وئي آهي. اهو حملو گڏيل قومن جي چارٽر، عالمي قانون ۽ ڪنوينشنز جي خلاف ورزي آهي. هن چيو ته گذريل 6 مهينن دوران عالمي انساني قانون جي منظم خلاف ورزين ۾ ملوث رهيا آهن. انساني بحران جو شڪار ماڻهن جي لاءِ خوراڪ آڻيندڙ انساني امدادي قافلي کي ڄاڻي واڻي نشانو بڻائڻ عالمي انساني قانون جي سنگين خلاف ورزي آهي. غزه ۾ انساني امدادي قافلن تي اسرائيلي حملن جي مذمت ڪندي هن انصاف جي عالمي عدالت جي عارضي حڪمن تي "فوري، مڪمل ۽ موثر" عملدرآمد ۽ اسرائيل جي ڏوهن تي عالمي احتساب جو مطالبو ڪيو. ترجمان چيو ته اسان 25 مارچ تي منظور ڪيل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2728 تي مڪمل ۽ تيزي سان عملدرآمد جي لاءِ پنهنجي مطالبي جو ورجاءُ ڪريون ٿا جنهن جي نتيجي ۾ هڪ مستقل جنگبندي، انساني امداد جي فراهمي ۾ ايندڙ سمورين رڪاوٽن کي ختم ڪيو وڃي ۽ شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. هن ايران جي ڏکڻ اوڀر صوبي سيستان ۽ بلوچستان جي شهر راسڪ ۽ چابهار ۾ خميس ڏينهن دهشتگرد حملي جي پڻ مذمت ڪئي ۽ ايران جي حڪومت ۽ عوام سان پاڪستان جي يڪجهتي جو اظهار ڪيو. هن چيو ته پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام ايراني صدر ابراهيم رئيسي جي دوري جا منتظر آهيون. بشام ۾ ٿيندڙ دهشتگرد حملي تي ڳالهائيندي ترجمان چيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ان واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهن ۽ دهشتگردي جي خلاف جنگ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. هن چيو ته دهشتگردي جي حملي ڪانپوءِ چيني فرمن پاران منصوبن تي ڪم عارضي طور تي روڪيو ويو هو پر سيڪيورٽي آڊٽ ڪانپوءِ ڪم ٻيهر شروع ڪيو ويو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان ٽي ٽي پي سان ڪا ڳالهه ٻولهه نه ڪندو ۽ افغان عبوري حڪومت مان اميد آهي ته هو پاڪستان جي اندر دهشتگردي جي سرگرمين ۾ ملوث عسڪريت پسند گروپن يا قوتن جي خلاف ڪارروائي ڪندي. پاڪستان مان غيرقانوني غيرملڪي شهرين جي واپسي بابت ترجمان چيو ته اها پاليسي افغانين جي لاءِ مخصوص نه آهي پر ان ۾ پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي رهندڙ سمورن غيرملڪي شهرين جي انهن جي وطن واپسي شامل آهي. هن چيو ته غيرملڪين جي هڪ محدود انگ کي ملڪ بدر ڪيو ويو ته اڪثريت رضاڪارانه طور تي واپس وئي آهي. هن چيو ته پاڪستان جي ويزا پاليسي ۾ ڪا تبديلي ناهي ٿي. چيو ته پاڪستان ايندڙ سمورن غيرملڪين وٽ درست پاسپورٽ ۽ ويزا هجڻ گهرجي. هن ميڊيا کي ٻڌايو ته نيشنل سيڪيورٽي ڊويزن جي سيڪريٽري وقار احمد شنگهائي تعاون تنظيم جي سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽريز جي 19 هين اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ آستانه قازقستان جو دورو ڪيو جنهن ۾ اسٽريٽجڪ سيڪيورٽي معاملن تي ڌيان ڏنو ويو. پنهنجي بيان ۾ سيڪريٽري خطي ۾ دهشتگردي جي ڪاروائين جي ڏورس آڻين بابت خبردار ڪيو ۽ دهشتگردي جي بنيادي سببن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ هڪ ٺوس حڪمت عملي تي زور ڏنو. ترجمان ميڊيا کي ٻڌايو ته گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي نائب مستقل نمائندي عثمان جدون کي 2024ع جي لاءِ گڏيل قومن جي هٿيارن جي خاتمي واري ڪميشن جو چيئرمين چونڊيو ويو. هن اميد ظاهر ڪئي ته پنهنجي صدارت دوران سفير جدون گهڻ رخي مڪالمي ۽ تعاون جي اصولن کي برقرار رکندو ۽ گڏيل قومن جي هٿيارن جي خاتمي واري ڪميشن جي مينڊيٽ کي فروغ ڏيندو ته جيئن هٿيارن جي خاتمي جي شعبي ۾ مختلف مسئلن تي غور ۽ سفارشون پيش ڪيون وڃن. ڀارتي غيرقانوني والاريل جمون ۽ ڪشمير جي صورتحال تي روشني وجهندي ترجمان چيو ته ڀارتي قابض عملدار هڪ ڀيرو ٻيهر سرينگر جي عيدگاهه ۾ عيدالفطر جي نماز ادا ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته سرينگر جي تاريخي جامع مسجد جي خطيب ۽ سينيئر ڪشميري اڳواڻ ميرواعظ عمر فاروق کي سنڌس ابن ڏاڏن جي ياد ۾ منعقد تقريب ۾ شرڪت کان روڪڻ لاءِ گهر ۾ نظربند ڪيو ويو آهي. اسان ڀارتي عملدارن تي زور ڏيون ٿا ته اهي والاريل جمون ۽ ڪشمير جي ماڻهن جي پرامن مذهبي آزادي جي حق جو احترام ڪن. پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي ۽ پرامن حل جي لاءِ پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو.

بقايا 14

اعظم خان جي موڪل تي هجڻ سبب ڊيوٽي جج رخشنده شاهين ٻڌڻي ڪئي. اعظم سواتي طرفان گرفتاري ڪان اڳ ضمانت جي درخواست ڪئي وئي. اعظم سواتي وڪيل سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو. اسپيشل سينٽرل جج سنڌس 20 اپريل تائين ضمانت منظور ڪري ورتي. هوڏانهن اعظم سواتي خلاف پيچ داهه ۽ دهشتگردي جي ڪلمن تحت ڪيس جي به ٻڌڻي ٿي. دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج طاهر عباس سپرا ٻڌڻي ڪئي. عدالت اعظم سواتي جي 10 هزار رپين جي مچلڪن عيوض گرفتاري کان اڳ ضمانت منظور ڪري ورتي.

بقايا 15

تي اظهر قيوم کي ڪامياب قرار ڏنو ويو هو لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس شاهد ڪريم سني اتحاد ڪائونسل جي بلال اعجاز چوڌري جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن ۾ اظهر قيوم جي ڪاميابي جي نوٽيفڪيشن کي چئلينج ڪيو ويو هو. عدالت ن ليگ جي اظهر قيوم جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪندي اليڪشن ڪميشن ۽ ٻين ڌرين ڪان جواب طلب ڪري ورتو. درخواست ۾ نشاندهي ڪئي وئي ته بلال اعجاز چوڌري 8 هزار ووٽن تان ڪامياب ٿيو پر اليڪشن ڪميشن ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ تي مخالف اميدوار اظهر قيوم کي ڪامياب قرار ڏئي ڇڏيو درخواستگذار جي وڪيل ٻڌايو ته ريٽرننگ آفيسر ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ تي درخواستگذار جا اڍائي هزار ووٽ گهٽ ڪري ڇڏيا. درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي ته ن ليگ اميدوار اظهر قيوم جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو وڃي پر درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي عيد جي موڪلن ڪانپوءِ ٿيندي.

بقايا 16

25 ڪروڙ رپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو بجلي ورهائيندڙ 5 ڪمپنين تي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪرڻ جو الزام ثابت ٿي ويو. ڪي اليڪٽرڪ سميت بجلي ورهائيندڙ ڪمپنيون واهپيدارن کي بجلي فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون. نيپرا ڪي اليڪٽرڪ، سيپڪو، ڪيسڪو، پيسڪو ۽ حيسڪو تي ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ هر ڪمپني تي 5_5 ڪروڙ رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي. نيپرا موجب بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي گذريل سال سيپٽمبر ۾ شوڪاز نوٽيس هئا، نيپرا کي گذريل سال شهرين طرفان اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جي شڪايت ملي هئي. نيپرا لاڳاپيل ڪمپنين جي سسٽم کي چيڪ ڪيو ته جاچ ۾ بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جو سسٽم ناقص نڪتو بجلي ڪمپنين کي دفاع جو موقعو ڏنو ويو پر اهي الزام جو دفاع نه ڪري سگهيون ۽ الزام درست ثابت ٿيڻ تي اهو ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو.

بقايا 17

ظاهر جعفر تائين قونصلر پهچ ڏني وئي. وفد جي جوابدار ظاهر جعفر سان ملاقات ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ روم ۾ ڪرائي وئي. جيل ذريعن جو چوڻ آهي ته آمريڪي سفارتخاني جي وفد ۾ مائيڪل مرفي، اسامه حنيف ۽ نويد غازي شامل هئا. 30 منٽ ملاقات ڪانپوءِ آمريڪي سفارتخاني جو وفد اڊيالا جيل مان روانو ٿي ويو. واضح رهي ته جوابدار ظاهر جعفر اڳوڻي سفارتڪار جي ڌيءُ نور مقدم جي قتل ڪيس ۾ عدالتي سزا ڪانپوءِ قيد آهي. نور مقدم کي قتل ڪندڙ ظاهر جعفر آمريڪي شهريت به رکي ٿو جنهن پنهنجي موت جي سزا خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي آهي.

بقايا 18

24 ڪلاڪن ۾ غذائي کوٽ ۽ مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي فوت ٿيل 3 ٻارن جون عمرون هڪ سال جي وچ ۾ آهن. بيمارين ۽ گهوٽ فوت ٿي ويل ٻارن جو تعلق ٿرپارڪر جي ڏورانهين علائقن سان آهي جڏهن ته هلندڙ سال فوت ٿيل ٻارن جو انگ 122 تي وڃي پهتو آهي.

بقايا 19

پوسٽن تي حملي ۾ ملوث 16 دهشتگردن کي آپريشن ۾ ماري ڇڏيو. ايراني اختيارين ٻڌايو ته چاهه بهار، راسڪ ۾ هڪ ئي وقت حملا ٿيا، جيش العدل جي حملي کي مڪمل طور ناڪام بڻايو ويو آهي. اختيارين موجب حملي ۾ ملوث سمورا دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن ته حملو ناڪام بڻائيندي 11 سيڪيورٽي اهلڪار به مارجي ويا ۽ 10 زخمي ٿيا.

بقايا 20

ڪندو هو بشريٰ بي بي کي ڪوڙ ڳالهائڻ کان اڳ ٿورو احساس ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته ٻئي زال مڙس شاهاڻا انداز ۾ شاهي جيل ڪاٽي رهيا آهن مخالفن کي جيلن ۾ وجهندڙ ٻار 7 عدد سيل ۾ بادشاهن جيان زندگي گذاري رهيو آهي. پروپيگنڊا ۽ ڪوڙ جي شروعات اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ بشريٰ بي بي کان ٿي سنڌن سوشل ميڊيا ٽولو تائين پهچندي آهي. ٻنهي زال مڙس جو ڪوڙ 24 ڪلاڪن ۾ بي نقاب ٿي ويو.

بقايا 21

امتياز چيو ته ڪابينه وٽ پيا به گهڻا ڪم هوندا آهن هي ڪم اسان تا ڪري ڇڏيون. جنهن ڪان پوءِ عدالت اڳوڻي پي ٽي آءِ جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم ڏيندي درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا 22

سڌارا نه ٿيا ته بجلي وڌيڪ مهانگي ڪرڻي پوندي. رپورٽ ۾ توانائي شعبي جي نقصانن کي معيشت لاءِ خطرو قرار ڏيندي چيو ويو آهي ته جنوري 2024 تائين پاور سيڪٽر جو گردشي قرض 2635 ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي، بجلي جو قرض جي ڊي پي جي 2.4 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي. عالمي بئنڪ وڌيڪ چيو ته گئس جي شعبي ۾ سرڪلر ڊيٽ 2866 ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي. جڏهن ته قرض معيشت جي 2.7 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي. رپورٽ موجب بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جا نقصان معيشت جو 0.2 سيڪڙو مان وڌي 0.5 سيڪڙو تائين پهچي ويا. مالي سال 2021 ۾ بجلي نقصان معيشت جو 0.2 سيڪڙو هئا، جڏهن ته مالي سال 2022 ۾ ڊسڪوز جا نقصان معيشت جو 0.5 سيڪڙو تائين پهچي ويا.

بقايا 23

ميمبر حلف کڻندا. ذريعن موجب نون چونڊيل ميمبرن جي حلف کڻڻ کان پوءِ ڊپٽي چيئرمين ۽ سينيٽ چيئرمين جي چونڊ به ڪئي ويندي. سينيٽ جي 19 سيٽن تي چونڊن جي لاءِ پولنگ 2 اپريل تي ٿيڻي هئي پر خيبرپختونخواهه جي 11 سيٽن تي چونڊون ملتوي ٿيڻ ڪان پوءِ سينيٽ ۾ هاڻ ميمبرن جو ٽوٽل انگ 85 تي ويو آهي. ٻئي طرف سينيٽ جي 37 سيٽن تي چونڊون ٿيڻ کان پوءِ هينئر تائين جي پارٽي پوزيشن موجب پيپلز پارٽي 24 سيٽن سان سينيٽ جي سڀني کان وڏي پارٽي بڻجي وئي آهي.

بقايا 24

ورهين جي نوجوان رياض پٽ صيفل مهر کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو اهڙي اطلاع ملڻ تي ڊي ايس پي گڙهي ياسين خدابخش پنهور پوليس اٿالن سان واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ان حوالي سان ڊي ايس پي گڙهي ياسين ٻڌايو ته مهر مارفانٽي تڪرار تان نوجوان قتل ٿيو آهي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ گڙهي ياسين اسپتال منتقل ڪيو آهي ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 25

آباد هاءِ ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جي سازش شروع ٿي چڪي آهي. جڏهن ڪان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ لهي، بيورو ڪريسي جي گڇي ۾ هٿ پيا آهن. هن چيو ته جسٽس بابر ستار جي فيصلي ڪانپوءِ ان عدالت کي ختم ڪرڻ جي سازش تيز ٿي وئي پر وڪيل مزاحمت ڪندا ۽ ججن ۽ عدليا جو تحفظ ڪندا. سنڌس چوڻ هو ڪنهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي ته تاريخي مزاحمت ڪنداسين. حڪومت وٽ اهڙو ڪو پلان ناهي ته ميثاق جمهوريت جي ڳالهه ڪري. بابر اعوان چيو اميد ته ججن جي خط جي معاملي تي سپريم ڪورٽ ۾ فل ڪورٽ جڙندي ۽ ان کي روز جي بنياد تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻ گهرجي.

بقايا 26

اهم آهي. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد ڊسٽرڪٽ ڪورٽ اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو آهي ته حوصلا، صبر، استحڪام ۽ خاموشي سان اهڙن سمورن معاملن کي حل ڪرڻ گهرجي. منهنجي مٿان 19 ڪيسز آهن ۽ انشاءالله بهتري ٿيندي. عام چونڊن جي حوالي سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته مون کي شڪست ملي ۽ مون عام چونڊن کي به مڃيو. جيڪي چونڊن ۾ کٽيا آهن انهن کان ڏانئلي جي باري ۾ به پڇيو. شيخ رشيد چيو آهي ته خطن کي جج پاڻ بهتر طور تي بحث هيٺ آڻي رهيا آهن. اهو تمام سيريس معاملو آهي. هي اهم ۽ حساس مسئلو آهي ان تي وڌيڪ ڳالهيون نه ڪرڻ بهتر هوندو آهي. اڳوڻي گهرو وزير وڌيڪ چيو ته حڪومت ڇا ڪري رهي آهي مون کي ڪا خبر نه آهي. نه ٽي وي ڏسي رهيو آهيان نه اخبار پڙهي رهيو آهيان ۽ نه ٽوئيٽ ڪري رهيو آهيان. مان صرف آرام ڪري رهيو آهيان ڇو ته هلندڙ صورتحال دوران آرام ئي بهترين ڪم آهي.

بقايا 27

ڪيس ۾ آچر قرار ڏيڻ جي درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ جڊيشل ماجسٽريٽ ملڪ عمران درخواستن تي ٻڌڻي هلائيندي فيصلو محفوظ ڪيو. محفوظ ڪيل فيصلو 6 جون تي ٻڌايو ويندو. اڳوڻو وفاقي وزير شيخ رشيد پيا عدالت ۾ پيش ٿيا، پي ٽي آءِ باني عمران خان، شيخ رشيد ۽ ٻين خلاف لانگ مارچ پيچ داهه جو ڪيس آءِ نائين ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو.

بقايا 28

ڪان وائرليس سيٽ کسيو ويو. واقعي جو ڪيس ڪانسٽيبل الطاف حسين جي فرياد تي ايئرپورٽ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر جي متن موجب موٽر سائيڪل تي سوار ٻن جوابدار اسٽار گيٽ کان ون وي اچي رهيا هئا. فلاءِ اوور تي موجود ٽريفڪ اهلڪار ڪين روڪيو. جوابدارن موٽر سائيڪل واپس موڙي ۽ بيهاريندڙ اهلڪار ڪان وائرليس سيٽ کسي فرار ٿي ويا.

بقايا 29

تي ٻيا. پٺاڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران اسسٽنٽ مختيارڪار آغا نشان پٺاڻ ٿڏي تي قتل ٿي ويو جڏهن ته پوليس اهلڪار لالا شعيب پٺاڻ ۽ لالا اظهر پٺاڻ زخمي ٿي پيا. لاش ۽ زخمين کي تعلقه اسپتال گهوٽڪي پهچايو ويو زخمي پوليس اهلڪار جي حالت گنڀير ڄاڻي پئي وڃي جنهن جي وارث ڪشائي رحيم يار خان روانا ٿي ويا. وڌيڪ جهيڙو ڇا جي لاءِ ٿيو آهي ان جي پوليس پاران تصديق ڪئي ڪئي وڃي. هوڏانهن ذريعن کان ڄاڻ ملي آهي ته جهيڙو گهٽي ۾ بجلي جي تارن واري معاملي تان ٿيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو قتل ٿي ويو

بقايا 30

6 امير چونڊجي ويو آهي هو 2029 تائين جماعت اسلامي پاڪستان جو امير رهندو ذريعن موجب نئين امير جي چونڊ لاءِ جماعت اسلامي جي 45 هزار ڪان وڌيڪ ميمبرن ووٽن ۾ حصو ورتو. حافظ نعيم الرحمان 80 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ کڻي امير چونڊجي ويو ياد رهي ته نئين امير جي چونڊ لاءِ جماعت اسلامي جي چونڊ ڪميشن ميمبرن جي اڳوائي جي لاءِ 3 نالن جو اعلان ڪيو هو جنهن ۾ سراج الحق، لياقت بلوچ ۽ حافظ نعيم الرحمان شامل هئا. ميمبر انهن 3 کان علاوه ڪنهن به ميمبر جي امير جي عهدي تي چونڊ جي لاءِ پنهنجي راءِ ڏئي سگهيا ٿي. جماعت اسلامي جي ترجمان قيصر شريف چيو هو ته جماعت اسلامي ۾ دستور موجب هر سطح تي باقاعدگي سان چونڊون ٿينديون آهن. جماعت اسلامي پاڪستان جي امير جي چونڊ هر 5 سالن کان پوءِ دستور موجب ٿيندي آهي. جماعت اسلامي جي ترجمان موجب سراج الحق پنهنجو ٻيو مدو 8 اپريل تي پورو ڪري رهيو آهي. حافظ نعيم الرحمان جماعت اسلامي جو 6 امير آهي. ان کان اڳ مولانا مودودي، ميان طفيل، قاضي حسين احمد، منور حسن ۽ سراج الحق جماعت اسلامي جا امير چونڊجي چڪا آهن.

بقايا 31

مک جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو ڊي آءِ جي ويسٽ زون عرفان علي بلوچ پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو ته 24 مارچ تي نيو ڪراچي بلال ڪالوني ۾ قوم جي دڪان تي ڦرلٽ دوران مزاحمت تي جوابدارن نوجوان عبدالرحمان کي قتل ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 32

آباد هاءِ ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جي سازش شروع ٿي چڪي آهي. جڏهن ڪان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ لهي، بيورو ڪريسي جي گڇي ۾ هٿ پيا آهن. هن چيو ته جسٽس بابر ستار جي فيصلي ڪانپوءِ ان عدالت کي ختم ڪرڻ جي سازش تيز ٿي وئي پر وڪيل مزاحمت ڪندا ۽ ججن ۽ عدليا جو تحفظ ڪندا. سنڌس چوڻ هو ڪنهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي ته تاريخي مزاحمت ڪنداسين. حڪومت وٽ اهڙو ڪو پلان ناهي ته ميثاق جمهوريت جي ڳالهه ڪري. بابر اعوان چيو اميد ته ججن جي خط جي معاملي تي سپريم ڪورٽ ۾ فل ڪورٽ جڙندي ۽ ان کي روز جي بنياد تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻ گهرجي.

بقايا 33

جي موقعي تي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ڪيو ويو، اهو هڪ تاريخي ڏوهه ٿيو شهيد ڀٽو کي فيئر ٽرائل نه مليو. عدليا تي عوام جو اعتماد ناهي رهيو. عدالتي نظام ۾ سڌارن ڏانهن وڌڻو هوندو. جڊيشل ريفارمز لاءِ جدوجهد ڪنداسين. هن چيو حڪومت کي وقت ڏنو ويو ته پاڪستان کي معاشي بحران مان ڪڍيو وڃي. اليڪشن ۾ عوامي معاشي معاهدي جو اعلان ڪيو هو. مراد علي شاهه جلد ترقياتي فنڊن جو اعلان ڪندو. صوبائي سطح تي هاري ڪارڊ متعارف ڪرائينداسين. پ پ چيئرمين وفاقي حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته ميثاق جمهوريت ۾ ڪيل واعدن تي عمل ڪيو وڃي. ان کان اڳ بلاول ڀٽو زرداري گڙهي خدا بخش پهچي پنهنجي ناني ۽ ماءُ سميت ٻين شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀري ۽ گل نڇاور ڪيا.

بقايا 34

آباد هاءِ ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جي سازش شروع ٿي چڪي آهي. جڏهن ته ميثاق جمهوريت جي ڳالهه ڪري. بابر اعوان چيو اميد ته ججن جي خط جي معاملي تي سپريم ڪورٽ ۾ فل ڪورٽ جڙندي ۽ ان کي روز جي بنياد تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻ گهرجي.

دادو واسي پوليس اهلڪار شبير مرڪنڊ جو ڏس پتو نہ پئجي سگهيو

دادو(ن سنڌيار) جامشورو مان گم ٿيل دادو واسي پوليس اهلڪار شبير مرڪنڊ جو گذريل 20 ڏينهن کان پتو پئجي نہ سگهيو سنڌس وارث حسيند مرڪنڊ، ڪزبانو مرڪنڊ، رستم مرڪنڊ ۽ ٻيا هٿن ۾ پاڪ ڪتاب کڻي دادو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. پراسرار طور تي لاپتا ٿيل پوليس اهلڪار جي گهرواري حسيند مرڪنڊ جو چوڻ هو تہ 20 ڏينهن اڳ منهنجي مڙس کي جامشورو مان اغوا ڪيو ويو آهي ۽ اغوا ڪارن سنڌس آزادي لاءِ اسان کان ڏيڍ ڪروڙ روپيا ڀنگ طور طلب ڪري رهيا آهن اسان غريب آهيون ڀنگ جي رقم ادا ڪري سگهون پوليس هن جي بازيابي لاءِ ڪي بہ قدم ناهن کنيا مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ پاڪ ڪتاب جي واسطي پوليس اهلڪار شبير مرڪنڊ کي بازياب ڪرايو وڃي.

دادو پرسان ڳوٺ ڪرم علي لنڊ جي رهواسين پاران احتجاج

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي ڳوٺ ڪرم علي لنڊ جي رهواسين ظهور حسين لنڊ، ياسين لنڊ، گل حسن لنڊ، منير احمد لنڊ، غلام شبير لنڊ ۽ ٻين دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان ڏانهيو تہ اسان جي والد پيائي خان لنڊ جي زرعي زمين جا ڪاغذ 2016 ۾ گناهہ نمبر 302 بي ايس ۾ گهه بالا جي ڪيس ۾ دادو جي سيشن ڪورٽ ۾ گروي طور رکيل هئا هن چيو تہ اسان جو ڪيس 2024 ۾ ختم ٿيو تہ اسان پنهنجي زرعي زمين جي گروي ٿيل ڪاغذ وٺڻ لاءِ مختيارڪار دادو جي آفيس ۾ آياسين تہ اڳوڻي مختيارڪار عبدالحميد ڪوڪر ۽ تپيدار قمر جمع پنهور ميينا وڏي رشوت عيوض ايجنٽن سان ملي ڀڳت ڪري اسان جي والد جي زرعي زمين جو کاتو ٻي تبديل ڪري وڪرو ڪري ڇڏي آهي هن سيڪريٽري بورڊ آف روينيو، چيئرمين اينٽي ڪرپشن، سيشن جج دادو، ڊپٽي ڪمشنر دادو، اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ۽ ٻين وس وارن ڪان مطالبو ڪيو تہ اسان جي زرعي زمين جا کاتا تبديل ڪرائيندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

سڪر جي نئين پنڊ ٿاڻي پوليس جو ڪريڪ ڊائون

سڪر(بيورو رپورٽ) سماجي برائين خلاف سڪر جي نئين پنڊ ٿاڻي پوليس جو ڪريڪ ڊائون مائيڪرو ڪالوني چوڪي جي حد مان ٽن آڪڙا پرچي جي دڪانن تي ڇاپو هڻي پوليس 9 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جن ڪان روڪ رقم موبائيل فون آڪڙا پرچي جا بوڪ هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل ڪرڻ بعد شخصي ضمانت تي باعزت آزاد ڪري ڇڏيو تفصيل موجب، سماجي برائين خلاف ايس ايس پي سڪر عابد علي بلوچ جي سخت حڪمن بعد نيوپنڊ ٿاڻي جي پوليس مائيڪرو ڪالوني پوليس چوڪي پرسان سماجي برائيون عروج تي هلندڙ خلاف نيوپنڊ ٿاڻي جي ايس ايچ او جي منٿلي وٺندڙ جاويد چنا ڪي آڪڙا پرچي جوا جي اڏن تان اضافي عيد جي خرچي واڌاري منٿلي کان انڪار ڪرڻ تي نيو پنڊ ٿاڻي جي پوليس ڏمرجي سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪندي آڪڙا پرچي جي دڪانن تي ڇاپو هڻي 9 جوابدارن محمد قاسم، جمال الدين ميراڻي شاهد علي عابد حسين غلام مرتضا ابڙو ۽ ٻين کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو گرفتار ٿيلن کان روڪ رقم موبائيل فون بہ هٿ ڪري ورتا گرفتار ٿيل سمورا جوابدار اڌ ڪلاڪ بعد شخصي ضمانت تي آزاد ڪري ڇڏيا آزاد ٿيڻ بعد آڪڙا پرچي جا دڪان ٻيهر کلي ويا

بقايا 01

۾ رفيق انڙ پنهنجي پيڻ جو سڱ انا جي پاءِ صدام انڙ کي ڏنو هو آنا انڙ کي مڙس رفيق انڙ مان ٽن پٽن جو اولاد آهي آنا انڙ ميينا طور تي گهريلو پريشانين جي ڪري 7 مهينا اڳ مڙس جي گهران نڪري حيدرآباد ۾ پاءِ صدام وٽ اچي پناهہ ورتي هئي جتي ميينا طور تي ڪيس قيد ڪري تشدد جو نشانو بنايو ويو جنهن جي ڪري ميينا طور تي سنڌس موت واقع ٿيو جنهن ڪان پوءِ فوتي عورت جو لاش سنڌس مڙس رفيق انڙ ۽ پاءِ صدام انڙ لنواري شريف ڪڻائي آيا ۽ لاش کي خاموشي سان دفن ڪري ڇڏيو هڪ هفتي جي خاموشي ڪان پوءِ آنا انڙ جي زخمي ۽ بي حال حالت ۾ ٻہ وڊيو بيان سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويا جنهن ۾ بيان ڏيندي آنا انڙ پنهنجي پاءِ خادم انڙ تي زيادتي ۽ تشدد ڪرڻ جا الزام هڻندي چيو آهي تہ سنڌس پاءِ ڪيس ست مهينا قيد ۾ رکي زيادتي ڪرائيندو ۽ تشدد ڪندو رهيو آهي وڊيو ۾ آنا جي جسم تي تشدد جا نشان ۽ هٿ پير ٻڌل پڳل نظر اچي رهيا آهن ۽ مسلسل قيد ۽ کاڌو پيتو نہ ملڻ جي ڪري هو انتهائي ڪمزور نظر اچي رهي آهي ان سلسلي ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ ريشمان سانول گوپانگ ۽ شازيا احمداڻي غريب عورت آنا انڙ کي بدترين تشدد ڪري قتل ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ۽ حيدرآباد کي اپيل ڪئي تہ آنا انڙ جي قتل جو نوٽيس وٺي سنڌس پوسٽ مارٽم ڪرائي سنڌس وڊيو بيانن جي روشنيءَ ۾ جانچ ڪري ڪيس قتل ڪري لاش دفن ڪندڙ جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪري آنا انڙ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 02

ڪي روزانو ٺلها آسرا ڏئي روانو ڪيو ٿو وڃي ۽ باڻر زميندارن ۽ سرنڌي وارن کي ڪڻڪ نصل مناسب اگهہ ۾ سرڪاري باردانو ملڻ سلسلو جاري آهي جڏهن تہ آبادگارن ڏانهينڊي چيو تہ باڻر واپارين اڳيان ضلعيہ شهيد بينظير آباد انتظاميہ بيوس بڻيل آهي پاڻ کلر پوري 8000 ڪان وينڊي 15000 هزار روپين تائين خريد ڪيون ٿا هنن چيو تہ ڪڻڪ سرڪاري اگهہ ۽ باراني ۾ ٿيل ڪرپشن جانچ ڪرائي ٽنڊن آبادگارن کي باردانو ۽ ڪڻڪ سرڪاري مقرر ٿيل اگهہ ڏياريو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ٻئي طرف آبادگارن ڊي سي شهيد بينظير آباد/ اسسٽنٽ ڪمشنر سڪرنڊ وزيراعلي سنڌ زراعت کاتي سميت اعلي احڪامن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور هن معاملي نوٽيس وٺي آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 03

منزل ڏانهن روانو. دل جون اميدون پوريون ڪرڻ لاءِ هر سال سوين ميل لتاڙي هنگلاج ويندا آهيون هن پيري سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن جي تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين، قافلي جي اڳواڻ جون صحافين سان ڳالهيون تفصيل موجب بلوچستان ۾ هنگلاج ماتا جي مندر ۾ نوراتري تقريب ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي مختلف علائقن مان ڪولهين ،ڀيلن سميت هندو برادري جي ياترين جا پيرين پنڌ قافلا شرع ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ ڪالا مٺي، بدين، سجاول تلهار سميت ٻين علائقن مان 400 ياترين جو پيادل قافلو نئو پيل، پورو ڪولهي، هرڪو، وستا رام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 9 ڏينهن لاڳيتو پنڌ ڪري ڪالا مليرجي گهگهر واري علائقي ۾ پهچي ويو، قافلو رات گهگهر لڳ ڪاٺوڙ ۾ ترسي صبح جو اڳين منزل ڏانهن روانو ٿي ويو ان موقعي تي ياتري اڳواڻن عوامي پريس ڪلب مليرجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هر سال اسان دل جون اميدون پوريون ڪرڻ لاءِ سوين ميل لتاڙي هنگلاج ويندا آهيون جتي هندو توڙي لکين مسلمان بہ ايندا آهن هنن چيو تہ رستي ۾ اسان ماني سميت رات بسر ڪرڻ جي لاءِ سمورو سامان پنهنجين گاڏين تي کڻي هلندا آهيون. ۽ ڪنهن جي اگر طبيعت خراب ٿي پوي تہ ان کي اسپتال بہ انهن گاڏين وسيلي کڻي ويندا آهيون. هن پيري اسان هنگلاج پهچي پکو ۾ کيو آهي تہ اسان ذات برادري جون اميدون پنڻ بدران سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن ۽ تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين.

بقايا 04

عوام جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا، غريب ۽ پورهيت طبقو عيد خريداري کان محروم، ملڪ ۾ وڌندڙ سخت گير مهانگائي سبب دڙي شهر جو عوام سخت پريشان آهي، جڏهن تہ عيد اچڻ کي باقي چند ڏينهن بچيا آهن، پر دڙو شهر جي ريشم بازار، شاهي بازار ۽ ٻين ڪاروباري هنڌن تي اچا تائين ڪو بہ خريدار نہ آيو، ايڪو ٻيڪو گراهڪ اچي ٿو اهو بہ مهانگائي سبب فقط اگهہ پڇي واپس هليو وڃي ٿو ان سلسلي ۾ دڙو جي شاهي بازار ۽ ريشم بازار ۾ موجود واپارين سيف فاضلاڻي، شوڪت ميمڻ، ارشاد ميمڻ، نصر لاکاڻي، اقبال سومرو ۽ ٻين خصوصي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي چيو تہ وفاقي توڙي صوبائي حڪومتون غريب ماڻهن کي رليف ڏيڻ بجائي عوام کي مهانگائي جا بار بار بدترين تحفا ڏنا آهن. هنن چيو تہ گذريل سال جي رمضان المبارڪ ۾ سو سيڪڙو ڪاروبار ٿيو، پر هن سال موجود حڪومت عوام مٿان مهانگائي جو اهڙو تہ بار ڪيرايو آهي، عوام سڪتي ۾ اچي ويو آهي. عيد کي باقي ڪجهہ ڏينهن بچيا آهن، پر بازارن ۾ اچا تائين ڪو بہ خريدار نظر نٿو اچي، هنن وفاقي توڙي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور تي عوام کي عيد تي خصوصي طور سبسڊي ڏني جيئن جو حق ڏنو وڃي تہ جيئن عوام عيد جهڙين خوشين ۾ شامل ٿي سگهي آهي.

بقايا 05

ڪمار مالهي ديوڪي ڪرماڻي ڪائونسلر وڪرم ايسرداس محمد سليم مجيد قائمخاني رميش ڪمار سميت ٻيا واپاري متاثر دوڪاندار تجارام مهيشوري جي گهر پهچي باهہ واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ مڪمل طور مدد ڪرڻ جو يقين ڏياريون موقعي تي واپاري ايسوسيئيشن جي صدر آصف رضا قائمخاني چيو تہ اسان ڪي باهہ واقعي تي تمام گهڻو ڏک پهتو آهي اسان سڀ متاثر واپاري جي دوڪان جي بحالي لاءِ هر ممڪن مدد ڪنداسين ۽ ضلعي انتظاميا سان بہ وفد جي صورت ۾ جلد ملاقات ڪنداسين ان موقعي تي متاثر واپاري تجارام چترو مل ۽ جگل مل واپارين جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا 06

اچو مطالبو تفصيل موجب خانپور جا صحافي پنهنجي اخبار رپورٽر ۽ پريس ڪلب صدر صفي الله سيڏار کي بدامني ۽ جوا، منشيات جون خبرون هلائڻ تان ايس ايچ او خانپور محمد نواز ڪورائي پاران ڌمڪيون ڏيڻ خلاف سراپا احتجاج بڻيل آهن ٽئين ڏينهن بہ خانپور پريس ڪلب آڏو خانپور جي صحافين عاصم ڏاهو، پريل ابڙو، ياسين عثماڻي آرائين، صفي الله سيڏار، ميان نذير احمد آرائين، راجا عبدالحميد پيو، امجد حسين آرائين، زبير ابڙو، ياسين ابڙو، سيف اڪبر آرائين، اڪبر بلوچ، بهادر بروڙ، علي حسن ڏاهو، خالد انصاري، عبدالمالڪ مهر ۽ ٻين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهرو ڪندڙن پاران نعريبازي ڪئي وئي خانپور مان پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ جوا جا اڏا ،منشيات جا اڏا ختم ڪرايو ، خانپور کي امن ڏيو، صحافين کي ڌمڪائيندڙ نااهل ايس ايچ او نواز ڪورائي ۽ پوليس اهلڪار نور ڪونهارو هٽايو جي نعريبازي ڪندا رهيا احتجاجي مظاهرو ڪندڙ صحافين جو چوڻ آهي تہ خانپور ٿاڻي تي ڏوهارين جو ساٿاري مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو پئسا وٺي خانپور

شهر ۾ ڪلي عام جوا، منشيات جا اڏا، شراب هلرائي ٿو جنهن سبب خانپور جو نوجوان نسل تباهي ڪناري پهچي چڪو آهي ۽ خانپور ۾ بدامني پڻ چوٽ چڙهيل آهي چورين روز جو معمول بڻيل آهن خانپور واسين ايس ايس پي شڪارپور عرفان سمون ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب ، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان مطالبو ڪيو آهي تہ خانپور ٿاڻي تي مقرر نااهل ايس ايچ او هٽائي جوا، منشيات جا اڏا بند ڪرائي خانپور واسين کي ايماندار آفيسر مقرر ڪري امن فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 07

رقم ڦر ڪئي مزاحمت تي هٿيارٻندن پسٽل جا بٽ ۽ ڏنڊا هڻي محمد خان پتافي کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو ۽ موٽرسائيڪل ۽ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ڦر واقعي جو اطلاع ۽ چيئرمين يونين ڪائونسل پير ترهو عاشق حسين پتافي ڏنو ويو جنهن ڦورن جو پيڇو ڪيو ڦر جو واقعو ڪي تہ جتوئي پوليس اسٽيشن جي حد ۾ ٻڌايو وڃي ٿو، زخمي محمد خان پتافي کي ڳوٺ پراڻو ديرو جي آندو ويو جتي ٻڌي بعد پتافي برادري ۽ ڳوٺ پراڻو ديرو جي رهواسين ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي ڳوٺاڻن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو تہ ڦر واقعي ۾ ملوث ڌوهارن کي گرفتار ڪري موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي ٻئي طرف ڪي تي جتوئي پوليس شڪ جي بنياد تي ڪجهہ گرفتاريون ڪيون آهن جن جا نالا راز ۾ رکيا ويا آهن پ پ اڳواڻ عاشق حسين پتافي ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي ڪچي واري علائقي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي ۽ ڪو بہ ماڻهو محفوظ نہ آهي ڌوهارين خلاف آپريشن ڪري بدامني کي ٻنجو ڏنو وڃي

بقايا 08

موجب ٽنڊو محمد خان ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي موٽو ٽيڪنيڪل ڪاليج واري سينٽر تي حيدرآباد ڪان آيل ايف آءِ اي جي اهلڪارن غريب مستحق عورتن جي امدادي رقم مان ڪيل ڪٽوتي واري مليل شڪايتن تحت ڪاروائي ڪندي 4 ڊوائيز هولڊرن هر هڪ ذيشان ڪميونيڪيشن ، نور ڪميونيڪيشن ، جي اين ڪميونيڪيشن ، نظير ڪميونيڪيشن سان گڏ 17 ڄڻن کي گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ پوليس موبائلن ۾ کڻي حيدرآباد روانا ٿي ويا ، جنهن بابت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ضلعي انچارج اشفاق ميمڻ ٻڌايو تہ حيدرآباد ڪان آيل اهلڪارن امدادي رقم ۾ ڪٽوتي ڪرڻ جي شڪايتن تحت 4 ڊوائيز هولڊرن ۽ ڪجهہ ماڻهن کي حراست ۾ وٺي پاڻ سان گڏ حيدرآباد کڻي ويا آهن جنهن بابت اسان کي ڪا بہ ڄاڻ نہ ڏني وئي آهي ، سنڌس خلاف اڃان تائين ڪو بہ ڪيس داخل ٿيڻ بابت اسان کي ڪا بہ معلومات نہ ملي آهي ، سٽي پوليس پڻ ايف آءِ اي جي اهلڪارن جي ڪيل ڪاروائي کان پاڻ کي اڻ ڄاڻ ظاهر ڪري ٿي آهي ، تصديق ڪئي آهي تہ حيدرآباد ڪان آيل اهلڪارن ڪاروائي ڪري ڪيل گرفتارين بعد حيدرآباد روانا ٿي ويا آهن ، جنهن ۾ بينظير انڪم سپورٽ سينٽر تي ايف آءِ اي جي اهلڪارن جي گرفتاري ڪان رهجي ويل ڊوائيز هولڊرن سينٽر تالا بندي ڪري هڙتال ڪري ڇڏي، جنهن جي ڪري سون جي تعداد ۾ آيل متاثر عورتون امدادي رقم نہ ملڻ جي ڪري انتظار ڪرڻ بعد واپس روانيون ٿي ويون.

بقايا 09

ضلع سجاول جو صدر ڊاڪٽر هريش ڪمار اقبال احمد ميمڻ پ پ هاري ڪميٽي اڳواڻ ڪامريڊ انور جمالي، الهجايو چانگ، سهاڪ اڳواڻ محمد علي جتوئي، آڪاش چاوڙو منور مرگهل، سلمان پٽي، جمن ملاح، ساگر پنهون مهيشوري، ليبر بيورو اڳواڻ عرس ميربحر ابو لوهار، اسماعيل مگسي، سلمان پٽي، ابو ڪچي سميت پارٽي ورڪرن شرڪت ڪئي.. ان موقعي اڳواڻن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي زندگي تي روشني وجهندي چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ايشيا جو مڃيل عظيم ليڊر هيو جنهن هارين نارين ۽ مسڪين مارو ڙن جي حقن جي ڳالهہ ڪئي ۽ ٻين اڳهاڙن ماڻهن کي ڳالهائڻ ۽ سجاڳ جي سگهہ ڏني ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ ايٽمي طاقت سان نوازيو تقريب جي آخر ۾ فاتحا خواني ڪري دعا گهرائي وئي.....

بقايا 10

پهرين آبهاشي کاتي طرفان حڪم جاري ڪيو ويندو آهي تہ اڪرم واهہ تي سارين جي پوکائي ناهي ڪرڻي آباد ڪار اڳواڻ عبدالغفور چانڊيو لا لا نواز شيخ عبدالحفيظ ميمڻ عزيز ڏيرو چيو آهي تہ فيبروري ۽ مارچ ۾ اڳاٽي خريف جا اڪرم واهہ تي فصل نہ پوکيا تہ پوءِ آبادگار ڪي انهي پوکيل فصل مان ڪجهہ لاڀ نہ ملندو چاڪاڻ تہ برسات پوڻ تي نہ مرچ نہ ڦلين ۾ آسرو ۽ 15 فيبروري کا جيڪي اڪرم وا جا گيج پاڻي جا ڏنا آهن اهي ان مان اڪرم واهہ جي ڪنهن بہ واهہ جي پڇڙي ۾ پاڻي بہ نہ مليو آهي اڪرم واهہ کي انهي دوران ملندڙ پاڻي مند جي سڪر بئراج ۽ ٻين واهن تي زبردستي ۽ غير قانوني لکين ايڪڙن زمين کي پاڻي چوري ڪري ڏنو ويو آهي جتي هيستائين خريف جي فصل سارين جا پيجارا بہ پوکي چڪا آهن هنن ٻڌايو تہ 1991 پاڻي اڪارڊ موجب اپريل کان قليلي ڪئنال جو پاڻي ان کي ملڻ کپي تہ جيئن اهي خريف جي آبادي پوکي سگهن هنن ٻڌايو آهي تہ بدين ۾ جر جو پاڻي کارو آهي جنهن جي TDS بہ 1000 کان مٿي آهي ۽ اڪرم واهہ توڙي قليلي جي تري ۾ هلندڙ پاڻي بہ زمين جي ڪارائڻ ۽ دريا ۾ منڇر کان ايندڙ پاڻي جي TDS واسا جي رپورٽ مطابق 850 کان مٿي آهي جيڪا انساني حياتي لاءِ خطرناڪ آهي ۽ بدين واسين لاءِ سلو پوائزن آهي ۽ هي پاڻي وارين سان بيمارين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.

بقايا 11

بهاني ڪڏهن رقم ختم ٿيڻ تہ ڪڏهن ٽر جا نگر نہ لڳڻ جو بهانو بڻائي ڪين واپس ڪرڻ لڳا ان ڏس ۾ پرائي سڪر جي پيرمراد شاهہ ڪالوني ۾ گورنمنٽ پرائمري اسڪول پير مراد شاهہ ۾ ڊيوائيز هلائيندڙ هر هڪ عورت کان پنج سئو رپيا ڪٽوتي ڪرڻ لڳا جڏهن تہ ڪيترين اپوچن پڙهيل عورتن جا فنگر پرنٽ وٺڻ ڪانپوءِ انهن کي اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اچجو پر ذريعن موجب غريب عورتن جا فنگر پرنٽ وٺڻ بعد رقم ڪڍي پاڻ ڦپائن ٿا ۽ غريب عورتن کي فنگر نہ لڳڻ جو چئي روزانو چڪر ڪاٽرائن ٿا جڏهن هڪ غريب عورت جادل خاتون جا آيل ساڍا پندرهن هزارن مان ڏهہ هزار ڏئي بي رقم هڙپ ڪري ويا غريب متاثر عورت جي ميڊيا آڏو داهون هوڏاهن ڊيوائيز هلائيندڙن جي جاڳايل عمل جي وڊيوز بسبب ريجنل ڊائريڪٽر سڪر ڏاهن موڪلن باوجود ڊيوائيز مافيا خلاف ڪابہ ڪاروائي عمل ۾ نہ اچي سگهي هئي ان سلسلي ۾ سڪر جي سماجي حلقن جو چوڻ آهي تہ بسبب آفيسرن جي آشيرواد سان ڪٽوتي وارو عمل جاري آهي غريب عورتون ڏڪا کائڻ تي مجبور آهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام چيئرمين پرسن سميت لاڳاپيل اختيارن کان ڪفالت پروگرام کي شفاف بنائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 12

سچي مسلم اڳواڻ کي ڦاهي ڏني، ضلعي صدر مير بابر علي خان لنڊ تفصيل موجب عظيم ليڊر ۽ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 45 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي گهوٽڪي جي صدر مير بابر علي خان لنڊ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ايشيا جي هڪ عظيم ليڊر،

عظيم سياستدان ۽ هڪ سچي مسلم قوم جي خير خواهہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي آهي، اڄوڪي تاريخ تي ان وقت جي آمر جنرل ضياءَ الحق هڪ سچي مسلم اڳواڻ کي ڦاهي ڏني، جنهن ڏينهن کي اسان ڪارو ڏينهن ڪري ملهايون ٿا، هنن وڌيڪ چيو تہ مزدورن، هارين، پورهيتن جي حقن جو علمدار پاڪستاني عدليہ هٿان بي گناهہ قتل ٿي ويو هو ان موقعي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪجي ٿي ۽ ڪيس سرخ سلام پيش ڪيون ٿا

بقايا 13

تيزي اچي وئي، مختلف هنڌن تان چار ملزم ڪچي شراب ۽ نشيدار سپارين سميت گرفتار ، مٿن سڪرنڊ ٿاڻي تي سرڪاري مدعيت ۾ هيڊ ڪانسٽيبل ون فائر انچارج امان الله ملاح الله بخش جلباڻي ۽ علي اصغر بروهيءَ پاران ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا، گرفتار ٿيلن ۾ امجد علي ولد علي احمد دائود پوٽو ويٺل لطيف ڪالوني کي ڪچي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ فهير پٽ شمس الدين رند ويٺل مهراڻ ڪالوني سڪرنڊ، صلاح الدين عرف بلوچ پٽ حبيب الله جلالاڻي ويٺل ڳوٺ صاحب خان جلالاڻي، معشوق علي پٽ محرم خاصخيلي ويٺل بخاري محلا سڪرنڊ کي نشيدار سپارين سميت گرفتار ڪري ورتو آهي هوڏانهن سڪرنڊ پوليس جو چوڻ آهي تہ هن کان اڳ بہ منشيات کپائيندڙن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو آهي ۽ وڌيڪ ڪاروايون پڻ جاري رهنديون

بقايا 14

پوليس جي ڪاروائي شراب جون بوتلون هٿ ٿاڻي جي انچارج کي سماجي برائين خلاف سخت ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم اهڙي شڪايت تي سخت ايڪشن وٺڻ جي هدايت، ترجمان پوليس موجب اي سيڪشن ٿاڻي سکر پوليس جو گجهي اطلاع تي محمدي چوڪ رائل پلازا وٽ ڪاروائي ڪندي هڪ جوابدار مهيش کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان شراب جون 20 بوتلون هٿ ڪري ورتيون جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ايس ايس پي سڪر عابد علي بلوچ پوليس پارٽي کي سٺي ڪارڪردگي تي شاباسي جو پيغام ڏنو آهي جڏهن تہ سائيٽ ايريا ٿاڻي جي پوليس ٿاڻي جي حد تان راهوجا لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڏوهاري ڪي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو 2 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا گرفتار جوابدار وٽان پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن سنڌس سڃاڻپ علي روشن نالي سان ٿي آهي جيڪو ڦر پوليس مقابلي سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو زخمي گرفتار ٿيل ڏوهاري جي ڪرمنل رڪارڊ بابت وڌيڪ ڄاڻ پوليس ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن مان حاصل ڪئي پئي وڃي.

بقايا 15

شرڪت ڪئي دعا تقريب کي خطاب ڪندي سڪر هائوس پ پ اڳواڻ سيد زاهد شاهہ بخاري چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي عالمي سامراجي ٽولن بي گناهہ قتل ڪرايو جيڪڏهن اڄ هو زنده هجي ها تہ پاڪستان ڏانهن ڪنهن کي بہ ميري اک سان ڏسڻ جي جرئت ٿي نہ ٿئي ها ۽ ملڪ جي دشمنن ڪيس هڪ سازش تحت عدالتي قتل ڪرايو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي 73 جو آئين ڏنو جيڪو اڄ بہ لاڳو آهي غريب عوام سان همدردي طور (روٽي ڪپڙا ۽ مڪان) وارو منشور ڏنو پاڪستان کي ايٽمي قوت بنائڻ لاءِ بنياد رکيو جڏهن تہ سڀ کان وڏو فيصلو قاديانن کي ڪافر قرار ڏنو جنهن سبب ڪيس شهيد ڪيو ويو اڄ ان انقلابي شخصيت جي ورسي آهي الله پاڪ کان دعا آهي تہ ڪيس قبر ۾ درجات بلند فرمائي سيد زاهد شاهہ بخاري جو وڌيڪ چوڻ هو تہ ڀٽو خاندان ملڪ ۽ قوم لاءِ جيترين قربانيون ڏنيون آهن اوترين قربانيون ڪنهن بہ جماعت ناهن ڏنيون جڏهن تہ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي نالي سان منصوب بينظير ڪفالت پروگرام ملڪ جي غريب عوام جي گهرن جي ڪفالت جو ذريعو بڻيل آهن جنهن مان غريب ماڻهن لاڀ حاصل ڪري پيو

بقايا 16

ڪي وزٽ دوران ٻڌايو تہ شهر ۽ ڀرپاسي جي عوام کي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ منفرد ۽ جديد اسپتال قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ناليوارا ڊاڪٽر،ڊاڪٽرياڻيون ۽ تجربيڪار اسٽاف مريضن جي چڪاس لاءِ 24 ڪلاڪ موجود آهن،تمام مريضن جي چيڪ اپ علاج سميت ٻليوري مفت ۾ آهي،اسان مريضن کي انٽيشنل ڪمپنين جون دوائون بہ اڌ ريٽ کان گهٽ رقم تي ڏيون ٿا،جيڪا انجيڪشن يا دوا 6 سئو ۾ ملي ٿي اسان اها هتي مريض کي 2 سو ۾ ڏيون ٿا،وڌيڪ سهولتن ۾ اضافو ڪنداسين،عوام کي اپيل آهي تہ هو وڌ کان وڌ اچي سهولتن مان فائدو حاصل ڪن،هن چيو تہ اسپتال ڀرپاسي رهندڙ عوام لاءِ پيئڻ جي پاڻي لاءِ آر او پلانٽ پڻ لڳايو ويو آهي

بقايا 17

سڪرنڊ جو صدر محمد ايوب ڪوسو محمد بچل ڏهيو بادشاهہ انڙ عبدالقادر جيلاڻي SUP جي UC مجيد ڪيريو جو صدر ڪيلارام اوڏ 'فيض سنڌي ' آفتاب ڪيريو 'صدرو جلباڻي دلاور سمون مور سمون حاجي عباس چانڊيو محراب سنڌي غلام حيدر ڏهيو دوست علي ڏهيو ۽ ٻين هارين آبادگارن شرڪت ڪئي هارين ڪاٽيندڙن ۽ SUP جي اڳواڻن فوڊ ڊائريڪٽر ۽ DFC کي چتاءُ ڏيندي مطالبو ڪيو تہ سياسي مفادن لاءِ وڏن زميندارن ۽ رشوت وٺي واپارين کي ڪڻڪ جو باردانو ڏيندڙ مجيد ڪيرير گدام جي فوڊ انسپيڪٽر کي برطرف ڪري هارين ۽ ڪاٽيندارن کي ڪڻڪ جو باردانو ڏيندي انهن کان سرڪاري اگهہ 4000 روپين تي ڪڻڪ خريد نہ ڪئي وئي تہ احتجاجي ڪئمپ قائم رهندي ۽ گدام جو گيٽ بند ڪندي روڊ بند ڪيو ويندو

بقايا 18

خلاف پوڄڙي جي واٽرڪورس 12 ايل جي آبادگارن ۽ هارين پاران اشفاق احمد سريوال ذاڪر علي لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اريگيشن اختيارين خلاف احتجاج ڪندي چيو تہ شاخ تي مقرر عملي پوڄڙي جي حصي جو پاڻي مند جي باڻرن کي ڳري رشوت وٺي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري مند ۾ سئو سيڪڙو آبادي ۾ فصل پوکيل آهن جڏهن تہ پوڄڙي ۾ فصلن جي پوکي جي ڳالهہ آهي انسانن توڙي جهنگلي جيوت سان گڏ چوپائي مال واسطي پيئڻ جو پاڻي جو ڦڙو اڻلڀ بڻيل آهي هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزيراعلي سنڌ ۽ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کان مطالبو ڪيو آهي انساني حقن تحت ڙئونر شاخ جي پوڄڙي ۾ زرعي توڙي پيئڻ جو پاڻي ڏياري آبادگارن ۽ هارين جي بيچيني ختم ڪرائي وڃي

بقايا 19

ڳوٺاڻن ڪيترائي ڀيرا ضلعي انتظاميہ ڪان شڪايتون ڪيون آهن پر هن مهل تائين تدارڪ نہ ٿي سگهيو ٽائون ڪاميٽي انتظاميا شهر ۾ صفائي سترائي ۽ مڇر مار اسپري ڪرڻ بدران ماهوار ايندڙ ڪروڙن روپين ڪوڙن ووچرن ذريعي هڙپ ڪرڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ مڇرن کان بچاءَ لاءِ اسپري ڪرائي سڪرنڊ اُهتال ڊوائن ۽ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي سڪرنڊ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪليو وڃي

بقايا 20

موٽر سائيڪل سوار ٽڪر هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ،نوجوان کي ڳنڀير حالت ۾ لال بتي اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو، خبر موجب بدين پرسان قائم ڳوٺ ولي محمد شاهاڻي جو رهواسي نوجوان شاهہ جهان ولد محمد حنيف شاهاڻي شهر مان روزي ڪولهي جو سامان وٺي ڳوٺ وڃي رهيو هو تہ شاهہ نواز چوڪ پرسان بدين سيراڻي روڊ تي سامهون ايندڙ تيز رفتار موٽر سائيڪل سوار محمد حسين عرف ابلو منڊرو ۽ هڪ نامعلوم ڪيس ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو، شهرين طرفان زخمي نوجوان کي انڊس اسپتال بدين منتقل ڪيو ويو، جتان سنڌس حالت ڳنڀير هئڻ سبب ڪيس سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي، ٻئي پاسي سٽي پوليس بدين حسين منڊرو جي موٽر سائيڪل تحويل ۾ وٺي حادثي جي رپورٽ داخل ڪري ڇڏي آهي ، پوليس موجب حسين منڊرو موٽر سائيڪل ڇڏي ڀڄي ويو آهي.

بقايا 21

مائٽن منهنجي خلاف رڻ پاري ڏنو آهي، هن ٻڌايو تہ منهنجي شادي ٽارو شاهہ واسڻ صائمہ منگي سان ٿي هئي جنهن مان ٻہ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي 2014 ۾ زال طلاق ورتي ۽ هاڻي هنن منهنجي نياڻي جي شادي بہ ڪرائي ڇڏي آهي جڏهن تہ هڪ وڏو پٽ ضمير احمد اڳوڻي زال وٽ آهي جنهن کي انهن ورغلائي منهنجي خلاف ڪيو آهي جنهن ڪان منهنجي لاءِ گندا لفظ ڳالهرايا آهن ۽ منهنجي عزت خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هن چيو تہ اڳوڻي زال صائمہ مونکان طلاق وٺي ٻيو نڪاح ڪيو هو ۽ هن ٻئي مڙس کي بہ طلاق وٺي ڇڏي آهي جڏهن تہ ننڍو پٽ مون وٽ آهي جنهن جي ڪفالت مان ڪيان ٿو ۽ مان چاهيان ٿو تہ وڏو پٽ ضمير مونسان گڏ رهي جڏهن تہ اهڙو ڪيس پريا جي عدالت ۾ پڻ هلندڙ آهي مان پنهنجي اولاد خلاف ناهيان پر منهنجي سالن ۽ اڳوڻي زال وڏي پٽ کي ورغلائي منهنجي خلاف ڪيو آهي هن اعلي اختيارين کان گهر ڪندي چيو تہ وڏي پٽ ضمير کي مونسان رهڻ ڏنو وڃي جنهن جي ڪفالت منهنجي ذمي آهي ۽ سالن ۽ اڳوڻي زال پاران هن کي ورغلائڻ بند ڪيو وڃي ۽ مون کي تحفظ ۽ انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 22

ڪنڊڪوٽ: اغوا ٿيل ضمير احمد بروهي جي وارثن بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ڪنڊڪوٽ: شڪارپور انڊس هاءِ وي تي مظاهرين جو ڌرڻو جاري ڪنڊڪوٽ: اغوا ٿيل ڊرائيور جو تعلق لاڙڪاڻي سان آهي.

بقايا 23

جوابدار پنهنجي علم ذريعي سيني گهر پاتيس ڪان سونا زيور، اٽڪل ايڪي لک روپيہ روڪ رقم ۽ ٻہ موبائيل فونز وٺي فرار ٿي ويو، هوڏانهن جوابدار جي

فرار ٿيڻ بعد ڳنڍڙيءَ جي صورت ۾ پيٽيءَ ۾ رکيل سونا زيور ۽ روڪ رقم سنڀالڻ تي خبر پئي تہ اتي ڪجهہ بہ ناهي، ٻئي طرف مليائي پوليس ڪانسٽيبل برڪت مشوري جي فرياد تي هڪ چٽي نامعلوم ٺڳ جوابدار خلاف اين سي رپورٽ داخل ڪري ڇڏي آهي ، جڏهن تہ واردات ڪان پهرين درزيءَ جي دڪان تي ويٺل ميينا ٺڳ جي تصوير هڪ نوجوان پاران ڪڍي وٺي هئي جيڪا پڻ پوليس حوالي ڪئي وئي آهي، آخري اطلاع موجب مليائي شهر ۽ ڀرپاسي واري علائقي ۾ عيد ويجهو ايندي ئي اهڙن ٺڳن جو ٽولو شهر ۾ لٿل آهي ، هتانجي سڄاڻ ڌرين مليائي پوليس سميت سيني وسوارين اختيارين کان ڏوهي ٽولي خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 24

نعريبازي ڪئي،انهي سلسلي ۾ بلاڪ ٽو جي ڳوٺ نيو ماڊل وليج سنهري درس جي رهواسين نبي بخش درس،منظور علي درس،عبدالسلام درس،غلام رسول درس،سونو ڪولهي، گلاب ڀيل،راڻو ڀيل،بهادرو ڀيل ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي،احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو تہ ٽرڪول جي ڪوتائي سبب ڀهرين اسان جو ڳوٺ متاثر ٿيو،اسان ملڪي ترقي خاطر قرباني ڏئي لڏپلاڻ ڪئي،اسان کي لڏپلاڻ بعد ڪمپني ماڊل وليج ناهي ڏنو اهو هاڻي مڪمل طور تي ڊهڻ جي ويجهو پهتل آهي،سمورا گهر زبون ٿي ويا آهن،جيڪي ڪنهن بہ وقت ڊهي ماڻهن سان ڪري سگهن ٿا،هنن چيو تہ اسان بلاڪ ون ۽ بلاڪ ٽو جي وچ ۾ ٿنڀال وانگر لڙجي رهيا آهيون،اسان سان ڪمپني جيڪي بہ واعدا ڪيا هئا انهن مان ڪنهن تي بہ عمل ناهي ٿيو،نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي،هوڏانهن ٽرڪول بلاڪ ون جي متاثرين ڪڪو مهراٿهوٽو،فدامهراٿهوٽو،سبحان لنجو،والر ميگهواڙ،پونم ڪولهي ۽ ٻين ڏانهينيندي چيو تہ ڪمپنين اسان سهولتون ڏيڻ بدران بي گهر ڪري ڇڏيو آهي، گهرن مٿي ڊمپنگ جي مٽي اڇلائي ۽ رهيل زمين تي زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو وڃي،اسان کي روزگار نہ ٿو ملي،عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهيون،نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 25

اٿبشٽ تان گهر ٻاهران پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪري ميينا آپگهات ڪري ڇڏيو اطلاع تي ٻيلو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن تہ لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، ڪجهہ ڏينهن ۾ ايندڙ عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون، هوڏانهن ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي، نوجوان گهرو اٿبشٽ تان پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪيو جنهن سبب هو فوت ٿي ويو، ان ڏس ۾ ٻيلو پوليس وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي.

بقايا 26

خلاف سخت نعريبازي، پوليس پهچي احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ منٿون ڪندي رهي احتجاج ڪندڙن جون پوليس خلاف ڏانهون، جوابدارن جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکيو ويندو واپاري تفصيل موجب ملير ۾ سپرهاءِ وي تي سبزي منڊي پرسان واپارين کان ڦر ٿي وئي، ڦرجي واقعي خلاف واپاري روڊن تي نڪري آيا ۽ سپرهاءِ وي تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، جنهن سبب حيدرآباد ڪراچي ايندڙ ويندڙ ٽريڪ بند ٿي وئي، گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون، ان موقعي تي واپارين سائيٽ سپرهاءِ وي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي ٻڌايو تہ سبزي منڊي وڃي رهيا هئاسين تہ هٿياربندن سائيٽ سپرهاءِ وي ٿاڻي جي حد ۾ يرغمال ڪري ڦرڪئي ۽ تشدد جو نشانو بڻايو آهي، انهن چيو تہ سائيٽ سپرهاءِ وي پوليس اطلاع باوجود نہ پهتي ڊسٽرڪٽ اوپر جي ايس ايس پي کان پوليس خلاف ڪاروائي جو مطالبو ڪيون ٿا، سبزي منڊي جي واپارين کان روزانو ڦرڻئي ٿي پوليس جا ڪارروائي نہ ٿي ڪري جوابدارن جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکيو ويندو، جڏهن تہ پوليس مظاهرين کي روڊ کولڻ لاءِ منٿون ڪندي رهي.

بقايا 27

علي بالادي ۽ ٻين چيو تہ پريا ڪماري کي جلد بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا 28

ڊاريڪٽر بشير احمد شيخ فوڊ ڪنٽرولر آفيسر دلدار احمد ڪلوڙ مختيار ڪار تپيدارن فوڊ انسپيڪٽر قربان ڪلوڙ - منور حسين ڪلوڙ حبيب الله بروڙي - تنوير احمد ڪلوڙ - اسلم مهر - عادل حسين مهر راجو مل ۽ فوڊ انسپيڪٽرن نظير حسين ڪانڌڙو شفيق سروهي - مظفر حسين چاچڙ جا فرنٽ مين فوڊ سپروائيزرن شرڪت ڪئي ان موقعي ڊي سي سکر کي فوڊ کاتي جي آفيسرن بريفنگ ڏني تہ فوڊ کاتي ساڍي چار لک ڪڻڪ جي بورين جي خريداري لاءِ 21 سينٽر ڪوليا آهن جن تي سينيئر ايماندار فوڊ انسپيڪٽر مقرر ڪيا آهن گدامن ۽ سينٽرن تي روهڙي گدام ستي گدام آرائين گدام ، سائيٽ ايريا گدام علي واهڻ گدام ، پنو عاقل سينٽر - سانگي سينٽر - سلطانپور - صالح پٽ روهڙي - ڪندرا - جنوجي دهلوارو - آر ڊي 86 ، سنگرار - ڊنڊي - باگڙجي ۽ ٻيا شامل آهن جنهن بعد ڊپٽي ڪمشنر سکر آفيسرن ۽ انسپيڪٽرن کي هدايت ڪندي حڪم جاري ڪيو آهي تہ خريداري لاءِ باردانو جي وراثت شفاف نموني سان ڪئي وڃي آبادگارن تائين باردانو پهچايو وڃي آبادگارن کان زمين جي ڊل جي رسيد ۽ سٽين فارم اٽيسٽ ٿيل مختيار ڪار وارو وٺڻ بعد باردانو ڏنو وڃي

بقايا 29

سترانهن گهٽين تي علائقي جي باڻر ماڻهن يوسف، خاناڏنو ، جاويد ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ اسانکي اسانجي زرعي زمين تان ڪڻڪ ۽ ٻيو فصل ڪٽڻ نٿو ڏي ۽ زرعي زمين ڏانهن ويندڙ اسانجي اچ وڃ جو رستو بہ بند ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ اسانجي گهرن تي پڻ حملا ڪري حراسان ڪري رهيا آهن اسانکي هنن مان جان ۽ مال جو خطرو آهي جنهن جي خلاف اسان پڻ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ بلڙي پوليس کي اهڙي درخواست پڻ ڏئي چڪا آهيو تنهن هوندي بہ پوليس بااثرن خلاف ڪابہ ڪاروائي نہ ڪئي آهي اسين ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيون ٿا ڪرين تہ معاملي جي نوٽيس وٺي زرعي زمين جي قبضي ۾ ملوث بااثر ماڻهن خلاف ترت ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 30

عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، حڪيم ڪلمتي، ڪتب چنا مٺا خان مري ۽ ٻين پورهيتن جو مطالبو تفصيل موجب مليرجي علائقي گهگهر ۾ قائم ديوان سيمينٽ فيڪٽري جي پورهيتن پاران حقن جي حاصلات لاءِ گذريل ڏينهن کر چڊ هڙتال ڪري سوين پورهيتن ڪمپني جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي پورهيتن عبدالحڪيم ڪلمتي، مٺا خان مري، ڪتب الدين چنا، رسول بخش جوکيو، حيات ڪاتيار، گهگهرجي سياسي سماجي اڳواڻ پنجل ڪلمتي ۽ ٻين مليرجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪمپني انتظاميا مقامي مزدورن سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي، 2018 کان وٺي اسان جون پگهارون نہ وڌايون ويون آهن، ۽ اسان کي ساليانو 5 پرسنٽ بونس ۽ عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، هنن چيو تہ عيد اچي رهي آهي پر ڪمپني انتظاميا پنهنجي ضد تي قائم آهي، اسان جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، هنن مطالبو ڪيو تہ اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، جڏهن تہ ڪمپني انتظاميا مزدورن کي ٻن ڏينهن ۾ عيد بونس ۽ هر سال اٺين مهيني ۾ بيسڪ بونس ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ مزدورن طرفان ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا 31

شهزور ۽ غلام حسين آهن جڏهن تہ اسان برادريءَ پاڻي جي چڳن مڙس کي ڏانهن ڏني تہ هنن اسان کي اهو چئي رواني ڪيو تہ جيڪڏهن مبارڪ حاجاڻي جو اوهان وڌيڪ تنگ ڪيو تہ اسان اوهان کي ماري ڇڏينداسين ۽ اوهان کي زبردستي گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏينداسين هن چيو تہ آءٌ پورهيو ڪري ٻچن جو گذر ڪندي هيس پر هاڻي آءٌ جڏهن کان معذور ٿي آهيان تہ ڪجهہ خيرات جا پئسا ۽ ڪجهہ بينظير انڪم سپورٽ وارا پئسا جيڪي مون وٽ بہ ٻيون امانت طور هنن کي ڏنا پر هاڻي هو بہ بي ايمان ٿي منهنجا ايڪٽي لک روپيا ڦپائڻ ٿا چاهين جڏهن تہ اسان ڪيترائي دفعا ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي بہ درخواستون ڪيون آهن پر پوليس اسان کي وومين ٿاڻي وڃڻ لاءِ چيو مون ٿاڻي جي ايس ايچ او روزينا ملاح کي پڻ منٿون ڪيون پر انهن اسان کي دڪا ڏئي موٽائي ڇڏيو آءُ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سيشن جج ٽنڊو محمد خان کي هٿ ٻڌي عرض ٿي ڪريان تہ مون مسڪين جا حق حلال جا پئسا واپس ڪرايا وڃن تہ جيئن آءٌ پنهنجو علاج ڪرائي سگهان

بقايا 32

ڪان وٺي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پاڻي، نوان گهر، راشن، ٽلڪا ۽ ٻيا فلاحي ڪم ڪري رهيا آهيو ۽ هن رمضان جي پلاري مهيني ۾ هڪ سئو بيروزگار مستحق غريب خاندانن ۾ مفت چنگچي رڪشا تقسيم ڪيا ويا ۽ راشن تقسيم ڪيو ويو ۽ وڌيڪ بيروزگارن کي رڪشا ۽ اسان سروي ڪري ويندو هنن چيو تہ اهو ڪم سرڪار جو آهي مگر اسان انساني خدمت ڪرڻ تي دلي سڪون محسوس ڪريون ٿا اسان پوري پاڪستان ۽ ڪشمير ۾ پڻ اسان جو ڪم سالن ڪان جاري آهي هنن چيو تہ خصوصن سنڌ ۾ بيروزگاري ، بک ۽ بدحالي سبب ڏوهن ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ نوجوانن ڏوهہ ڪن ٿا ۽ منشيات واپرائن ٿا.

بقايا 33

ڪٽي وٺي، افتتاحي تقريب جي موقعي تي هن اسڪول جي احاطي ۾ وڻ لڳائي دعا گهري ۽ تعليم کاتي جي سپروائيز کان تعليم جي بهتري بابت گفتگو ڪئي بعد ۾ هن ڳوٺ ڏنو ماڪو پهچي ايف ايف سي پاران مرمت ڪرايل گرلز ايليمينٽري اسڪول جو دورو ڪري استادن سان ملاقات ڪئي ۽ ٽريسي عمل کي ساراهيندي چيو تہ دنيا سان گڏ هلڻ لاءِ بهتر تعليم ضروري آهي انگريزي سان سيني کي تعليم جي بهتري لاءِ قدر ڪڻ گهرجن ان موقعي تي اسڪول جي هيڊ مسٽريس ايف ايف سي جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ گذريل ڪيترن ئي سالن کان اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار هئي، مرمت بعد مشڪلاتون گهٽجي ويون آهن بعد ۾ برگيڊيئر محمد سليم چيما اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر پهچي خصوصي ٻارن سان ملاقات ڪئي ۽ استادن جي ڪارڪردگي کي داد ڏنو ان موقعي تي هن 7 مستحق نياڻين جي والدين ڏاج فراهم ڪيو ان موقعي تي ڪرنل شڪيل چنا، ڪرنل شجاعت منهاس، پي آر او امان شر احمد سومرو ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 34

ايڊيشنل سيشن جج نوشهروفيروز جي عدالت ۾ درخواست 491 داخل ڪرائي هئي جنهن ۾ سنڌس ٻار گم ٿيڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو عدالت سگهوري ايس ايچ او نوشهروفيروز کي ٻارڙو بازياب ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪيو هو مگر ٽن مهينن تائين ٻارڙي جو ڪو بہ ڏس پتو نہ پئي مليو جناب اسد نبي ڪچي صاحب جي اچڻ شرط سنڌس وڏي ڪوشش سان ٽيم سيوهڻ مان ٻارڙو بازياب ڪرائي ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ڪيو ايس ايچ او نوشهروفيروز جي اهڙي ڪاروائي تي ٻارڙي جي اسڙ ڪيس دعائون ڏنيون.

بقايا 35

منزل ڏانهن روانو. دل جون اميدون پوريون ڪرڻ لاءِ هر سال سوين ميل لتاڙي هنگلاج ويندا آهيون هن پيري سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن جي تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين، قافلي جي اڳواڻ جون صحافين سان ڳالهيون تفصيل موجب بلوچستان ۾ هنگلاج ماتا جي مندر ۾ نوراتري تقريب ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي مختلف علائقن مان ڪولهين ،ڀيلن سميت هندو برادري جي ياترين جا پيرين پنڌ قافلا شرع ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ ڪالا مٺي، بدين، سجاول تلهار سميت ٻين علائقن مان 400 ياترين جو پيادل قافلو نئو پيل، پورو ڪولهي، هرڪو، وستا رام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 9 ڏينهن لاڳيتو پنڌ ڪري ڪالا مليرجي گهگهر واري علائقي ۾ پهچي ويو، قافلو رات گهگهر لڳ ڪاٺوڙ ۾ ترسي صبح جو اڳين منزل ڏانهن روانو ٿي ويو ان موقعي تي ياتري اڳواڻن عوامي پريس ڪلب مليرجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هر سال اسان دل جون اميدون پوريون ڪرڻ لاءِ سوين ميل لتاڙي هنگلاج ويندا آهيون جتي هندو توڙي لکين مسلمان بہ ايندا آهن هنن چيو تہ رستي ۾ اسان ماني سميت رات بسر ڪرڻ جي لاءِ سمورو سامان پنهنجين گاڏين تي کڻي هلندا آهيون. ۽ ڪنهن جي اگر طبيعت خراب ٿي پوي تہ ان کي اسپتال بہ انهن گاڏين وسيلي کڻي ويندا آهيون. هن پيري اسان هنگلاج پهچي پکو ۾ کيو آهي تہ اسان ذات برادري جون اميدون پنڻ بدران سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن ۽ تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين.

بقايا 36

عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، حڪيم ڪلمتي، ڪتب چنا مٺا خان مري ۽ ٻين پورهيتن جو مطالبو تفصيل موجب مليرجي علائقي گهگهر ۾ قائم ديوان سيمينٽ فيڪٽري جي پورهيتن پاران حقن جي حاصلات لاءِ گذريل ڏينهن کر چڊ هڙتال ڪري سوين پورهيتن ڪمپني جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي پورهيتن عبدالحڪيم ڪلمتي، مٺا خان مري، ڪتب الدين چنا، رسول بخش جوکيو، حيات ڪاتيار، گهگهرجي سياسي سماجي اڳواڻ پنجل ڪلمتي ۽ ٻين مليرجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪمپني انتظاميا مقامي مزدورن سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي، 2018 کان وٺي اسان جون پگهارون نہ وڌايون ويون آهن، ۽ اسان کي ساليانو 5 پرسنٽ بونس ۽ عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، هنن چيو تہ عيد اچي رهي آهي پر ڪمپني انتظاميا پنهنجي ضد تي قائم آهي، اسان جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، هنن مطالبو ڪيو تہ اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، جڏهن تہ ڪمپني انتظاميا مزدورن کي ٻن ڏينهن ۾ عيد بونس ۽ هر سال اٺين مهيني ۾ بيسڪ بونس ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ مزدورن طرفان ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا 37

اچو مطالبو تفصيل موجب خانپور جا صحافي پنهنجي اخبار رپورٽر ۽ پريس ڪلب صدر صفي الله سيڏار کي بدامني ۽ جوا، منشيات جون خبرون هلائڻ تان ايس ايچ او خانپور محمد نواز ڪورائي پاران ڌمڪيون ڏيڻ خلاف سراپا احتجاج بڻيل آهن ٽئين ڏينهن بہ خانپور پريس ڪلب آڏو خانپور جي صحافين عاصم ڏاهو، پريل ابڙو، ياسين عثماڻي آرائين، صفي الله سيڏار، ميان نذير احمد آرائين، راجا عبدالحميد پيو، امجد حسين آرائين، زبير ابڙو، ياسين ابڙو، سيف اڪبر آرائين، اڪبر بلوچ، بهادر بروڙ، علي حسن ڏاهو، خالد انصاري، عبدالمالڪ مهر ۽ ٻين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهرو ڪندڙن پاران نعريبازي ڪئي وئي خانپور مان پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ جوا جا اڏا ،منشيات جا اڏا ختم ڪرايو ، خانپور کي امن ڏيو، صحافين کي ڌمڪائيندڙ نااهل ايس ايچ او نواز ڪورائي ۽ پوليس اهلڪار نور ڪونهارو هٽايو جي نعريبازي ڪندا رهيا احتجاجي مظاهرو ڪندڙ صحافين جو چوڻ آهي تہ خانپور ٿاڻي تي ڏوهارين جو ساٿاري مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو پئسا وٺي خانپور شهر ۾ ڪلي عام جوا، منشيات جا اڏا، شراب هلرائي ٿو جنهن سبب خانپور جو نوجوان نسل تباهي ڪناري پهچي چڪو آهي ۽ خانپور ۾ بدامني پڻ چوٽ چڙهيل آهي چورين روز جو معمول بڻيل آهن خانپور واسين ايس ايس پي شڪارپور عرفان سمون ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب ، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان مطالبو ڪيو آهي تہ خانپور ٿاڻي تي مقرر نااهل ايس ايچ او هٽائي جوا، منشيات جا اڏا بند ڪرائي خانپور واسين کي ايماندار آفيسر مقرر ڪري امن فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 38

۾ رفيق انڙ پنهنجي پيڻ جو سڱ انا جي پاءِ صدام انڙ کي ڏنو هو آنا انڙ کي مڙس رفيق انڙ مان ٽن پٽن جو اولاد آهي آنا انڙ ميينا طور تي گهريلو پريشانين جي ڪري 7 مهينا اڳ مڙس جي گهران نڪري حيدرآباد ۾ پاءِ صدام وٽ اچي پناهہ ورتي هئي جتي ميينا طور تي ڪيس قيد ڪري تشدد جو نشانو بنايو ويو جنهن جي ڪري ميينا طور تي سنڌس موت واقع ٿيو جنهن ڪان پوءِ فوتي عورت جو لاش سنڌس مڙس رفيق انڙ ۽ پاءِ صدام انڙ لنواري شريف ڪڻائي آيا ۽ لاش کي خاموشي سان دفن ڪري ڇڏيو هڪ هفتي جي خاموشي ڪان پوءِ آنا انڙ جي زخمي ۽ بي حال حالت ۾ ٻہ وڊيو بيان سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويا جنهن ۾ بيان ڏيندي آنا انڙ پنهنجي پاءِ خادم انڙ تي زيادتي ۽ تشدد ڪرڻ جا الزام هڻندي چيو آهي تہ سنڌس پاءِ ڪيس ست مهينا قيد ۾ رکي زيادتي ڪرائيندو ۽ تشدد ڪندو رهيو آهي وڊيو ۾ آنا جي جسم تي تشدد جا نشان ۽ هٿ پير ٻڌل پڳل نظر اچي رهيا آهن ۽ مسلسل قيد ۽ کاڌو پيتو نہ ملڻ جي ڪري هو انتهائي ڪمزور نظر اچي رهي آهي ان سلسلي ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ ريشمان سانول گوپانگ ۽ شازيا احمداڻي غريب عورت آنا انڙ کي بدترين تشدد ڪري قتل ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ۽ حيدرآباد کي اپيل ڪئي تہ آنا انڙ جي قتل جو نوٽيس وٺي سنڌس پوسٽ مارٽم ڪرائي سنڌس وڊيو بيانن جي روشنيءَ ۾ جانچ ڪري ڪيس قتل ڪري لاش دفن ڪندڙ جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪري آنا انڙ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 39

نعريبازي ڪئي،انهي سلسلي ۾ بلاڪ ٽو جي ڳوٺ نيو ماڊل وليج سنهري درس جي رهواسين نبي بخش درس،منظور علي درس،عبدالسلام درس،غلام رسول درس،سونو ڪولهي، گلاب ڀيل،راڻو ڀيل،بهادرو ڀيل ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي،احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو تہ ٽرڪول جي ڪوتائي سبب ڀهرين اسان جو ڳوٺ متاثر ٿيو،اسان ملڪي ترقي خاطر قرباني ڏئي لڏپلاڻ ڪئي،اسان کي لڏپلاڻ بعد ڪمپني ماڊل وليج ناهي ڏنو اهو هاڻي مڪمل طور تي ڊهڻ جي ويجهو پهتل آهي،سمورا گهر زبون ٿي ويا آهن،جيڪي ڪنهن بہ وقت ڊهي ماڻهن سان ڪري سگهن ٿا،هنن چيو تہ اسان بلاڪ ون ۽ بلاڪ ٽو جي وچ ۾ ٿنڀال وانگر لڙجي رهيا آهيون،اسان سان ڪمپني جيڪي بہ واعدا ڪيا هئا انهن مان ڪنهن تي بہ عمل ناهي ٿيو،نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي،هوڏانهن ٽرڪول بلاڪ ون جي متاثرين ڪڪو مهراٿهوٽو،فدامهراٿهوٽو،سبحان لنجو،والر ميگهواڙ،پونم ڪولهي ۽ ٻين ڏانهينيندي چيو تہ ڪمپنين اسان سهولتون ڏيڻ بدران بي گهر ڪري ڇڏيو آهي، گهرن مٿي ڊمپنگ جي مٽي اڇلائي ۽ رهيل زمين تي زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو وڃي،اسان کي روزگار نہ ٿو ملي،عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهيون،نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 40

منزل ڏانهن روانو. دل جون اميدون پوريون ڪرڻ لاءِ هر سال سوين ميل لتاڙي هنگلاج ويندا آهيون هن پيري

سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن جي تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين، قافلي جي اڳواڻ جون صحافين سان ڳالهيون تفصيل موجب بلوچستان ۾ هنگلاج ماتا جي مندر ۾ نوراتري تقريب ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي مختلف علائقن مان ڪولهين ،ڀيلن سميت هندو برادري جي ياترين جا پيرين پنڌ قافلا شرع ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ ڪالا مٺي، بدين، سجاول تلهار سميت ٻين علائقن مان 400 ياترين جو پيادل قافلو نئو پيل، پورو ڪولهي، هرڪو، وستا رام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 9 ڏينهن لاڳيتو پنڌ ڪري ڪالا مليرجي گهگهر واري علائقي ۾ پهچي ويو، قافلو رات گهگهر لڳ ڪاٺوڙ ۾ ترسي صبح جو اڳين منزل ڏانهن روانو ٿي ويو ان موقعي تي ياتري اڳواڻن عوامي پريس ڪلب مليرجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هر سال اسان دل جون اميدون پوريون ڪرڻ لاءِ سوين ميل لتاڙي هنگلاج ويندا آهيون جتي هندو توڙي لکين مسلمان بہ ايندا آهن هنن چيو تہ رستي ۾ اسان ماني سميت رات بسر ڪرڻ جي لاءِ سمورو سامان پنهنجين گاڏين تي کڻي هلندا آهيون. ۽ ڪنهن جي اگر طبيعت خراب ٿي پوي تہ ان کي اسپتال بہ انهن گاڏين وسيلي کڻي ويندا آهيون. هن پيري اسان هنگلاج پهچي پکو ۾ کيو آهي تہ اسان ذات برادري جون اميدون پنڻ بدران سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن ۽ تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين.

بقايا 41

عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، حڪيم ڪلمتي، ڪتب چنا مٺا خان مري ۽ ٻين پورهيتن جو مطالبو تفصيل موجب مليرجي علائقي گهگهر ۾ قائم ديوان سيمينٽ فيڪٽري جي پورهيتن پاران حقن جي حاصلات لاءِ گذريل ڏينهن کر چڊ هڙتال ڪري سوين پورهيتن ڪمپني جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي پورهيتن عبدالحڪيم ڪلمتي، مٺا خان مري، ڪتب الدين چنا، رسول بخش جوکيو، حيات ڪاتيار، گهگهرجي سياسي سماجي اڳواڻ پنجل ڪلمتي ۽ ٻين مليرجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪمپني انتظاميا مقامي مزدورن سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي، 2018 کان وٺي اسان جون پگهارون نہ وڌايون ويون آهن، ۽ اسان کي ساليانو 5 پرسنٽ بونس ۽ عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، هنن چيو تہ عيد اچي رهي آهي پر ڪمپني انتظاميا پنهنجي ضد تي قائم آهي، اسان جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، هنن مطالبو ڪيو تہ اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، جڏهن تہ ڪمپني انتظاميا مزدورن کي ٻن ڏينهن ۾ عيد بونس ۽ هر سال اٺين مهيني ۾ بيسڪ بونس ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ مزدورن طرفان ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا 42

عوام جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا، غريب ۽ پورهيت طبقو عيد خريداري کان محروم، ملڪ ۾ وڌندڙ سخت گير مهانگائي سبب دڙي شهر جو عوام سخت پريشان آهي، جڏهن تہ عيد اچڻ کي باقي چند ڏينهن بچيا آهن، پر دڙو شهر جي ريشم بازار، شاهي بازار ۽ ٻين ڪاروباري هنڌن تي اچا تائين ڪو بہ خريدار نہ آيو، ايڪو ٻيڪو گراهڪ اچي ٿو اهو بہ مهانگائي سبب فقط اگهہ پڇي واپس هليو وڃي ٿو ان سلسلي ۾ دڙو جي شاهي بازار ۽ ريشم بازار ۾ موجود واپارين سيف فاضلاڻي، شوڪت ميمڻ، ارشاد ميمڻ، نصر لاکاڻي، اقبال سومرو ۽ ٻين خصوصي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي چيو تہ وفاقي توڙي صوبائي حڪومتون غريب ماڻهن کي رليف ڏيڻ بجائي عوام کي مهانگائي جا بار بار بدترين تحفا ڏنا آهن. هنن چيو تہ گذريل سال جي رمضان المبارڪ ۾ سو سيڪڙو ڪاروبار ٿيو، پر هن سال موجود حڪومت عوام مٿان مهانگائي جو اهڙو تہ بار ڪيرايو آهي، عوام سڪتي ۾ اچي ويو آهي. عيد کي باقي ڪجهہ ڏينهن بچيا آهن، پر بازارن ۾ اچا تائين ڪو بہ خريدار نظر نٿو اچي، هنن وفاقي توڙي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور تي عوام کي عيد تي خصوصي طور سبسڊي ڏني جيئن جو حق ڏنو وڃي تہ جيئن عوام عيد جهڙين خوشين ۾ شامل ٿي سگهي آهي.

بقايا 43

نعريبازي ڪئي،انهي سلسلي ۾ بلاڪ ٽو جي ڳوٺ نيو ماڊل وليج سنهري درس جي رهواسين نبي بخش درس،منظور علي درس،عبدالسلام درس،غلام رسول درس،سونو ڪولهي، گلاب ڀيل،راڻو ڀيل،بهادرو ڀيل ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي،احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو تہ ٽرڪول جي ڪوتائي سبب ڀهرين اسان جو ڳوٺ متاثر ٿيو،اسان ملڪي ترقي خاطر قرباني ڏئي لڏپلاڻ ڪئي،اسان کي لڏپلاڻ بعد ڪمپني ماڊل وليج ناهي ڏنو اهو هاڻي مڪمل طور تي ڊهڻ جي ويجهو پهتل آهي،سمورا گهر زبون ٿي ويا آهن،جيڪي ڪنهن بہ وقت ڊهي ماڻهن سان ڪري سگهن ٿا،هنن چيو تہ اسان بلاڪ ون ۽ بلاڪ ٽو جي وچ ۾ ٿنڀال وانگر لڙجي رهيا آهيون،اسان سان ڪمپني جيڪي بہ واعدا ڪيا هئا انهن مان ڪنهن تي بہ عمل ناهي ٿيو،نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي،هوڏانهن ٽرڪول بلاڪ ون جي متاثرين ڪڪو مهراٿهوٽو،فدامهراٿهوٽو،سبحان لنجو،والر ميگهواڙ،پونم ڪولهي ۽ ٻين ڏانهينيندي چيو تہ ڪمپنين اسان سهولتون ڏيڻ بدران بي گهر ڪري ڇڏيو آهي، گهرن مٿي ڊمپنگ جي مٽي اڇلائي ۽ رهيل زمين تي زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو وڃي،اسان کي روزگار نہ ٿو ملي،عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهيون،نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 44

عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، حڪيم ڪلمتي، ڪتب چنا مٺا خان مري ۽ ٻين پورهيتن جو مطالبو تفصيل موجب مليرجي علائقي گهگهر ۾ قائم ديوان سيمينٽ فيڪٽري جي پورهيتن پاران حقن جي حاصلات لاءِ گذريل ڏينهن کر چڊ هڙتال ڪري سوين پورهيتن ڪمپني جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي پورهيتن عبدالحڪيم ڪلمتي، مٺا خان مري، ڪتب الدين چنا، رسول بخش جوکيو، حيات ڪاتيار، گهگهرجي سياسي سماجي اڳواڻ پنجل ڪلمتي ۽ ٻين مليرجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪمپني انتظاميا مقامي مزدورن سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي، 2018 کان وٺي اسان جون پگهارون نہ وڌايون ويون آهن، ۽ اسان کي ساليانو 5 پرسنٽ بونس ۽ عيد بونس بہ نٿو ڏنو وڃي، هنن چيو تہ عيد اچي رهي آهي پر ڪمپني انتظاميا پنهنجي ضد تي قائم آهي، اسان جڏهن بہ ڪمپني انتظاميا سان بونس ۽ پگهارون وڌائڻ لاءِ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چيو ٿو وڃي ڪمپني ڪساري ۾ آهي، جڏهن تہ آفيسرن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، هنن مطالبو ڪيو تہ اسان سان نا انصافي بند ڪري پگهارون وڌائي بونس ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن، جڏهن تہ ڪمپني انتظاميا مزدورن کي ٻن ڏينهن ۾ عيد بونس ۽ هر سال اٺين مهيني ۾ بيسڪ بونس ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ مزدورن طرفان ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا 45

ڊاريڪٽر بشير احمد شيخ فوڊ ڪنٽرولر آفيسر دلدار احمد ڪلوڙ مختيار ڪار تپيدارن فوڊ انسپيڪٽر قربان ڪلوڙ - منور حسين ڪلوڙ حبيب الله بروڙي - تنوير احمد ڪلوڙ - اسلم مهر - عادل حسين مهر راجو مل ۽ فوڊ انسپيڪٽرن نظير حسين ڪانڌڙو شفيق سروهي - مظفر حسين چاچڙ جا فرنٽ مين فوڊ سپروائيزرن شرڪت ڪئي ان موقعي ڊي سي سکر کي فوڊ کاتي جي آفيسرن بريفنگ ڏني تہ فوڊ کاتي ساڍي چار لک ڪڻڪ جي بورين جي خريداري لاءِ 21 سينٽر ڪوليا آهن جن تي سينيئر ايماندار فوڊ انسپيڪٽر مقرر ڪيا آهن گدامن ۽ سينٽرن تي روهڙي گدام ستي گدام آرائين گدام ، سائيٽ ايريا گدام علي واهڻ 9 گدام ، پنو عاقل سينٽر - سانگي سينٽر - سلطانپور - صالح پٽ روهڙي - ڪندرا - جنوجي دهلوارو - آر ڊي 86 ، سنگرار - ڊنڊي - باگڙجي ۽ ٻيا شامل آهن جنهن بعد ڊپٽي ڪمشنر سکر آفيسرن ۽ انسپيڪٽرن کي هدايت ڪندي حڪم جاري ڪيو آهي تہ خريداري لاءِ باردانو جي وراثت شفاف نموني سان ڪئي وڃي آبادگارن تائين باردانو پهچايو وڃي آبادگارن کان زمين جي ڊل جي رسيد ۽ سٽين فارم اٽيسٽ ٿيل مختيار ڪار وارو وٺڻ بعد باردانو ڏنو وڃي

بقايا 46

ڳوٺاڻن ڪيترائي ڀيرا ضلعي انتظاميہ ڪان شڪايتون ڪيون آهن پر هن مهل تائين تدارڪ نہ ٿي سگهيو ٽائون ڪاميٽي انتظاميا شهر ۾ صفائي سترائي ۽ مڇر مار اسپري ڪرڻ بدران ماهوار ايندڙ ڪروڙن روپين ڪوڙن ووچرن ذريعي هڙپ ڪرڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ مڇرن کان بچاءَ لاءِ اسپري ڪرائي سڪرنڊ اُهتال ڊوائن ۽ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي سڪرنڊ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪليو وڃي

بقايا 47

منزل ڏانهن روانو. دل جون اميدون پوريون ڪرڻ لاءِ هر سال سوين ميل لتاڙي هنگلاج ويندا آهيون هن پيري سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن جي تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين، قافلي جي اڳواڻ جون صحافين سان ڳالهيون تفصيل موجب بلوچستان ۾ هنگلاج ماتا جي مندر ۾ نوراتري تقريب ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي مختلف علائقن مان ڪولهين ،ڀيلن سميت هندو برادري جي ياترين جا پيرين پنڌ قافلا شرع ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ ڪالا مٺي، بدين، سجاول تلهار سميت ٻين علائقن مان 400 ياترين جو پيادل قافلو نئو پيل، پورو ڪولهي، هرڪو، وستا رام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 9 ڏينهن لاڳيتو پنڌ ڪري ڪالا مليرجي جهنگلاج پهچي پکو ڪيو آهي تہ اسان ذات برادري جون اميدون پنڻ بدران سنڌ ۾ امن خوشحالي، سميت اقليتن جي عزتن ،بنيادي انساني حقن ۽ تحفظ لاءِ دعائون گهرنداسين.

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي
آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر،
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ

KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(ايس پي پي آر اي گائيڊ لائين تحت جو سنگل اسٽيج ون انويلپ سسٽم)

SPPRA جي ضابطي مطابق (وقت سان گڏوگڏ ترميم ٿيل) ٽينڊرز (ٽيڪنيڪل ۽ مالياتي) مهربند (سنگل اسٽيج ۽ لفافي) نيوز پيپر / SPPRA (PPMS) ۽ KDA ويب سائيٽ ذريعي هيٺين ڪم لاءِ طلب ڪيا ويا آهن اهل دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن کان دعوت ڏني وئي آهي جن جو فرم / پارٽين وغيره سان لاڳاپيل تجربو آهي.

سيريل نمبر	اي ڊي پي نمبر	اسڪيم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين ۾)	بڊ مني	ٽينڊر في
01	2406	ٽي ايم سي ملير جي روڊ جي تعمير، سي سي پيور سان سيوريج، واٽر سپلائي	92.405 رپيا	راڪ اگهه جو 5٪	10.000 رپيا
02	2408	يو سي مجيد ڪالوني ۽ خدا آباد، ملير ڪراچي جي روڊ جي تعمير، پيور بلاڪس، سيوريج ۽ گهٽين جي لائيٽ	92.297 رپيا	راڪ اگهه جو 5٪	10.000 رپيا
03	2409	يو سي ڪيٽل ڪالوني، ملير ڪراچي جي روڊن جي تعمير، پيور بلاڪس، سيوريج ۽ اسٽريٽ لائيٽ	92.352 رپيا	راڪ اگهه جو 5٪	10.000 رپيا
04	2435	ڊسٽرڪٽ سينٽرل جي ڪرسچن/ منارٽي علائقن ۾ مختلف روڊن جي امپروومينٽ ۽ ريهيبليٽيشن پيور بلاڪ وڇائڻ سان سيوريج سسٽم	46.181 رپيا	راڪ اگهه جو 5٪	10.000 رپيا
05	2437	سهراب ڳوٺ، لاسي ڳوٺ، مڇر ڪالوني، جوٿيجو ڪالوني ۽ غريب آباد، ڊسٽرڪٽ ايسٽ ڪراچي جي اندروني ۽ چوڌاري علائقن ۾ ميٽل روڊ ۽ ٽف پيور ٽائل جي تعمير	73.984 رپيا	راڪ اگهه جو 5٪	10.000 رپيا
06	2438	يو سي 1 ايسٽ سهراب ڳوٺ ٽائون، جنگ آباد، سيون اسٽار ۽ گنا منڊي، ڊسٽرڪٽ ايسٽ ڪراچي جي اندروني ۽ چوڌاري علائقن ۾ ميٽل روڊ ۽ ٽف پيور ٽائل جي تعمير	55.478 رپيا	راڪ اگهه جو 5٪	10.000 رپيا

1. شرط ۽ ضابطا:-

شيڊيول	تاريخ ۽ وقت	هنڌ
درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊر جو اجراء	05 اپريل 2024 کان 19 اپريل 2024 آفيس وقت دوران	روم نمبر 509، آفيس آف اڪائونٽس آفيسر انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ، ڪي ڊي اي پنجين ماڙ سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي
ٽينڊر ڊراپ ڪرڻ	22 اپريل 2024 11:00 وڳي تائين	سيمينار هال، پهرين ماڙ سوڪ سينٽر، گلشن اقبال ڪراچي
ٽينڊر جو ڪولڻ	22 اپريل 2024 11:30 وڳي تائين	سيمينار هال، پهرين ماڙ سوڪ سينٽر، گلشن اقبال ڪراچي

2. ڪنهن بہ سبب جي صورت ۾، جيڪڏهن مٿين تاريخ تي ٽينڊرز جو جواب نہ ڏنو ويو تہ ٻولين جي افتتاح جي ايندڙ تاريخ 07.05.2024 صبح 11:30 وڳي ٽينڊر ۽ ساڳئي ڏينهن 11.00 وڳي تائين جمع ڪئي ويندي ۽ ٽينڊر دستاويز پڻ جمع ڪيا ويندا. دستياب 06.05.2024 تائين آفيس جي ڪلاڪن دوران.
3. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي حق ۾ ڪنهن بہ شيڊول بئنڪ کان پي آرڊر جي صورت ۾ بڊ جي رقم جي 5 سيڪڙو جي برابر بڊ سيڪيورٽي لازمي طور تي ٽينڊر دستاويزن سان گڏ هوندي. ٻي صورت ۾، ٽيلر رد ڪيو ويندو.
4. اهو بولينڊڙ جيڪو پوري اهليت جي معيار يا لازمي گهرج کي پورو ڪندو. ٽيلر جي افتتاح جي وقت تي انتهائي جوابي بولي قرار ڏنو ويندو ۽ وڌيڪ تشخيص لاءِ اهل هوندو. ٻي صورت ۾، ٽينڊر غير جوابي / رد ٿيل قرار ڏنو ويندو.
5. ٺيڪيدارن کي لازمي طور تي ٽينڊر دستاويزن ۾ سنڌن مڪمل ۽ صحيح موجوده/ پوسٽل ايڊريس جو ذڪر ڪرڻ گهرجي ۽ قيمتن کي لفظن ۽ انگن ۾ بيان ڪرڻ گهرجي نامڪمل / مشروط ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا. مان نامڪمل/ مشروط
6. جيڪڏهن ڪي بہ جعلي دستاويز مليا وڃن تہ پوءِ ٽينڊر رد/ منسوخ ڪيو ويندو بغير ڪنهن معاوضي جي ضابطن جي مطابق.
7. ان صورت ۾، ڪولڻ جي تاريخ کي حڪومت طرفان عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي، يا ڪنهن سبب جي ڪري غير ڪم ڪندڙ ڏينهن، ايندڙ سرڪاري ڪم واري ڏينهن کي هڪ ئي وقت تي ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو
8. خريداري واري ايجنسي ڪنهن بہ وقت ڪنهن بہ بولي يا تجويز جي قبوليت کان اڳ سڀني يا ڪنهن بہ بولي/ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي جنهن سان لاڳاپيل شق SPPRA رولز 2010 (وقت وقت تي ترميم ٿيل) جي تابع آهي.
9. مقرر وقت کان پوءِ ٽينڊر وصول نہ ڪيا ويندا.
10. سمورين تصحيحون/ اوور لکڻيون واضح طور تي ٻيهر لکت ۾ شروع ڪيون وينديون ۽ بڊندڙ طرفان صحيح طور تي مهر لڳل هونديون.
11. قابليت جي معيار جي سڀني شقن يا لازمي معيار جو ذڪر ٽينڊر/ بوليڊنگ دستاويزن ۾ هڪجهڙائي رکي ٿو ۽ ڪنهن بہ شق ڪي پورو نہ ڪرڻ جي نتيجي ۾ بل رد ٿيڻ/ نااهلي ٿيندي
12. جيڪڏهن اقتباس ڪيل شرح تخميني/ شيڊول جي شرح کان هيٺ يا مٿي آهي تہ بول ڪندڙ منسلڪ شرح تجزيي (R.A) جو پابند هوندو بغير شرح جي تجزيي جي ٽينڊر تي غور / رد نہ ڪيو ويندو.
13. شرح جي تجزيي جي تصديق ڪئي ويندي P&D سيڪشن KDA
14. قابليت جا معيار:

a. صحيح NTN سرٽيفڪيٽ
b. SRB رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.
c. پروفيشنل ٽيڪس سرٽيفڪيٽ 2023
d. گهٽ ۾ گهٽ 93 ملين، 93 ملين، 93 ملين، 46 ملين، 74 ملين، 56 ملين جو سراسري ساليانو ٽران اوور مٿي ذڪر ڪيل ڪم لاءِ مناسب طور تي بينڪ اسٽيٽمينٽ ۽ آڊٽ رپورٽ (آخري 5 سال هر هڪ) سان گڏ هجڻ گهرجي.
e. Sr 1، 2 ۽ 3 ۾ ذڪر ڪيل ڪم لاءِ لاڳاپيل تجربي جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڪمن جا تفصيل رويبا. گذريل 5 سالن کان 47 ملين تي عمل/ عمل ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ منصوبي/ اسڪيم/ ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ جي تاريخ ۽ مڪمل ٿيڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. يا

ايس آر 4 ۾ لاڳاپيل تجربو جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم جي تفصيل جي رقم روپيا. گذريل 5 سالن کان جاري ڪيل 74 ملين روپيا، پراجيڪٽ/اسڪيم /ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ جي تاريخ ۽ مڪمل ٿيڻ جي تاريخ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. لاڳاپيل تجربي جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڪمن جا تفصيل جنهن ۾ 5 سالن کان ڪم ڪيو ويو آهي. گذريل 5 سالن کان 23 ملين تي عمل/ عمل ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ پروجيڪٽ/ اسڪيم/ ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ جي تاريخ ۽ مڪمل ٿيڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. يا

ايس آر 5 لاڳاپيل تجربو جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم جي تفصيل جي رقم روپيا. گذريل 5 سالن کان 37 ملين ايگزيڪيوٽو/ ڪم ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ پروجيڪٽ/ اسڪيم/ ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ ۽ مڪمل ٿيڻ جي تاريخ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ڪم لاءِ لاڳاپيل تجربي جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڪمن جا تفصيل جنهن جي قيمت 5 ڪروڙ رپيا آهي. گذريل 5 سالن کان 37 ملين ايگزيڪيوٽو/ عمل ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ پروجيڪٽ/ اسڪيم/ ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ ۽ مڪمل ٿيڻ جي تاريخ شامل آهي. يا

ايس آر 6 ۾ لاڳاپيل تجربو جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم جي تفصيل جي رقم روپيا. گذريل 5 سالن کان جاري ڪيل 60 ملين روپيا، پراجيڪٽ/اسڪيم /ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ جي تاريخ ۽ مڪمل ٿيڻ جي تاريخ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. لاڳاپيل تجربي جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڪمن جا تفصيل جن جي قيمت 5 سالن کان وڌي وئي آهي. گذريل 5 سالن کان 28 ملين ايگزيڪيوٽو/ عمل ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ پروجيڪٽ/ اسڪيم/ ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ جي تاريخ ۽ مڪمل ٿيڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. يا

لاڳاپيل تجربو جو ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم جي تفصيل جي رقم روپيا. گذريل 5 سالن کان جاري ڪيل 45 ملين روپيا، پراجيڪٽ/ اسڪيم / ڪم جي نالي سان لاڳت، شروع ٿيڻ ۽ مڪمل ٿيڻ جي تاريخ کي ظاهر ڪري ٿو

f. صحيح PEC 2024 IN C_4 درجي لاءِ ڪم Sr.01, 02 ۽ 03 ۽ C_05 Sr.04, 05 ۽ 06 تي ڪم لاءِ ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE_09, CE_10, CE_01,
g. فرم جي حوالي سان حلف نامو/ معاهدو ڪڏهن بہ بليڪ لسٽ نہ ڪيو ويو آهي يا ڪنهن بہ عدالتي ڪيس/ ڪنهن بہ سرڪاري/ نيم سرڪاري ڊپارٽمينٽ سان ڪيس ۾ ملوث ناهي.
h. CNIC جي ڪاپي

تصديق لاءِ خريداري ڪميٽي جي درخواست تي سڀ اصل دستاويز ڏيکاريا وڃن.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر،
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ
ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي

INF/KRY#960/2024 NO.KDA/ADVT-08/2024

پڙهندي سنڌ تہ.... وڌندي سنڌ